قَالَ فَمَا خَطْبُكُمْ اَيُّهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٣١﴾

(٣١) حضرت ابراهيم چيو ته، اي خدا جا موڪليل (فرشتو! هاڻي ٻڌايو ته) توهان ڪهڙي ڪم لاءِ موڪليا ويا آهيو.

قَالُوْٓا اِنَّآ اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمٍ مُّجْرِمِيْنَ ﴿٣٢﴾

(٣٢) هنن جواب ۾ چيو ته، اسان هڪڙي سخت گنهگار قوم جي ماڻهن ڏي موڪليا ويا آهيون.

لِنُرْسِلَ عَلَيْهِمْ حِجَارَةً مِّنْ طِيْنٍ ﴿٣٣﴾

(٣٣) انهيءَ لاءِ ته مٿن پڪل پٿر وسايون.

مُّسَوَّمَةً عِنْدَ رَبِّكَ لِلْمُسْرِفِيْنَ ﴿٣٤﴾

(٣٤) جي (پٿر) تنهنجي پروردگار وٽان انهن ماڻهن لاءِ نشان ڪيل ۽ مقرر ڪيل آهن جيڪي گناهن ۾ ليڪو لنگهي ويا آهن. (يعني سدوم ۽ غموره جي ماڻهن تي پٿر وسائينداسين. جيڪي حضرت لوط کي نٿا مڃين. پوءِ هو هليا ويا).

فَاَخْرَجْنَا مَنْ كَانَ فِيْهَا مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٣٥﴾

(٣٥) سو (آخر اسان ڇا ڪيو جو ان سدوم جي شهر ۾) جيڪي مومن هيا تن کي (اڳ ئي شهر مان) ٻاهر اماڻي ڇڏيوسين.

فَمَا وَجَدْنَا فِيْهَا غَيْرَ بَيْتٍ مِّنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٣٦﴾

(٣٦) پر اسان ان شهر ۾ هڪڙي گهر کان سواءِ ڪٿي به مسلمان ڪونه ڏٺا. (اسان ٻيا سڀ گهر تباهه ڪيا ۽ خود حضرت لوط جي زال کي به تباهه ڪيوسين.)

وَتَرَكْنَا فِيْهَآ اٰيَةً لِّلَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ﴿٣٧﴾

(٣٧) ۽ (اهڙيءَ طرح) اسان ان ۾ انهن ماڻهن لاءِ (هميشه جي) نشاني ڇڏي جيڪي دردناڪ عذاب کان ڊڄندڙ آهن.

وَفِيْ مُوْسٰٓى اِذْ اَرْسَلْنٰهُ اِلٰى فِرْعَوْنَ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٨﴾

(٣٨) ۽ (ٻي عبرت جي نشاني) حضرت موسيٰ جي قصي ۾ آهي. ڏسو اسان هنکي فرعون ڏي چٽي سند ۽ روشن دليلن سان موڪليو.

فَتَوَلّٰى بِرُكْنِهٖ وَقَالَ سٰحِرٌ اَوْ مَجْنُوْنٌ ﴿٣٩﴾

(٣٩) پر هن پنهنجي سردارن سميت (حق کان) منهن موڙيو ۽ چيائين ته هي ته (ڪوڙو) جادوگر يا ديوانو آهي.

فَاَخَذْنٰهُ وَجُنُوْدَهٗ فَنَبَذْنٰهُمْ فِى الْيَمِّ وَهُوَ مُلِيْمٌ ﴿٤٠﴾

(٤٠) سو اسان هن کي ۽ سندس لشڪرن کي پڪڙيو ۽ کين سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو (۽ ٻوڙي ماريو) ۽ هو بيشڪ ڏوهي هو. (۽ انهيءَ سزا جو لائق هو).

وَفِيْ عَادٍ اِذْ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمُ الرِّيْحَ الْعَقِيْمَ ﴿٤١﴾

(٤١) ۽ عاد قوم جي ماڻهن (جي تباهيءَ) ۾ (به عبرت جي نشاني رکيل آهي) ڏسو اسان هنن جي مٿان ناس ڪندڙ طوفان موڪليو.

مَا تَذَرُ مِنْ شَيْءٍ اَتَتْ عَلَيْهِ اِلَّا جَعَلَتْهُ كَالرَّمِيْمِ ﴿٤٢﴾

(٤٢) جنهن به شيءِ جي مٿان لنگهيو، تنهن کي خاڪ ڪرڻ کان سواءِ نه ڇڏيائين.

وَفِيْ ثَمُوْدَ اِذْ قِيْلَ لَهُمْ تَمَتَّعُوْا حَتّٰى حِيْنٍ ﴿٤٣﴾

(٤٣) ۽ ثمود جي قوم جي ماڻهن (جي قصي) ۾ به (وڏي نشاني آهي) ڏسو! هنن کي چيو ويو ته ٿوري وقت لاءِ موجون ماڻهي وٺو (پوءِ تباهه ٿيندؤ، جيڪڏهن حق جي راه تي نه ايندؤ).

فَعَتَوْا عَنْ اَمْرِ رَبِّهِمْ فَاَخَذَتْهُمُ الصّٰعِقَةُ وَ هُمْ يَنْظُرُوْنَ ﴿٤٤﴾

(٤٤) پر هنن هٺ وڏائي سان پنهنجي پروردگار جي حڪم جي مخالفت ڪئي. سو هنن جي ڏسندي ڏسندي (زلزلي جي) ڌڪاءَ هنن کي پڪڙي ورتو.

فَمَا اسْتَطَاعُوْا مِنْ قِيَامٍ وَّمَا كَانُوْا مُنْتَصِرِيْنَ ﴿٤٥﴾

(٤٥) پوءِ هو رڳو بيهي به نه سگهيا، نڪي پنهنجي ڪا مدد ڪري سگهيا.

وَقَوْمَ نُوْحٍ مِّنْ قَبْلُ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿٤٦﴾

(٤٦) ۽ انهيءَ (واقعي) کان اڳي حضرت نوح جي قوم جي ماڻهن کي به (اسان سندن نافرمانيءَ جي ڪري تباهه ڪيو هو) ڇو ته يقيناً اهي ماڻهو نافرماني ۽ ۽ بدڪاريءَ ۾ حدن کان ٻاهر نڪري ويا هئا.

رکوع 3

**آسمان جي وسعت مان الله تعاليٰ جي قدرت جو اندازو لڳايو.**

وَالسَّمَآءَ بَنَيْنٰهَا بِاَيْىدٍ وَّاِنَّا لَمُوْسِعُوْنَ ﴿٤٧﴾

(٤٧) ۽ اسان آسمان کي وڏي قدرت ۽ ڪاريگريءَ سان بنايو آهي. بيشڪ اسان ڪائنات کي بي انت ڪشادگي ڏني آهي.

وَالْاَرْضَ فَرَشْنٰهَا فَنِعْمَ الْمٰهِدُوْنَ ﴿٤٨﴾

(٤٨) ۽ زمين کي اسان پکيڙي ڇڏيو آهي. سو ڏسو ته اسان ڪهڙا نه چڱا پکيڙيندڙ آهيون.

وَمِنْ كُلِّ شَيْءٍ خَلَقْنَا زَوْجَيْنِ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٩﴾

(٤٩) ۽ اسان هرهڪ شيءِ کي جوڙين ۾ خلقيو آهي، (يعني نر ۽ مادي يا واڌو بجلي يا ۽ ڪاٽو بجلي ڏينهن ۽ رات وغيره وغيره) انهيءَ لاءِ ته توهان (انهن ڳالهين جو علم حاصل ڪري، انهن تي غور ۽ فڪر ڪري) نصيحت وٺو (۽ انسانيت جي معراج تي پهچو.)

فَفِرُّوْٓا اِلَى اللّٰهِ ؕ اِنِّيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٥٠﴾

(٥٠) سو (ايڏي قدرت واري ۽ رحيم) الله ڏي تڪڙا تي ڀڄو. يقيناً مان (محمد ﷺ) وٽائنس اوهان ڏي چٽو چٽو خبردار ڪندڙ (پيغمبر) ٿي آيو آهيان.

وَلَا تَجْعَلُوْا مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ؕ اِنِّيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٥١﴾

(٥١) ۽ الله سان گڏ ٻئي ڪنهن کي معبود نه بنايو. يقيناً مان (محمد ﷺ) وٽائنس اوهان ڏي چٽو چٽو خبردار ڪندڙ ٿي آيو آهيان.

كَذٰلِكَ مَآ اَتَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا قَالُوْا سَاحِرٌ اَوْ مَجْنُوْنٌ ﴿٥٢﴾

(٥٢) (جهڙيءَ طرح توکي اي پيغمبر هي ماڻهو جادوگر يا مجنون ٿا سڏين) (تهڙيءَ طرح) جڏهن جڏهن هنن ماڻهن کان اڳي گذري ويل ماڻهن ڏي ڪو به پيغمبر ٿي آيو تڏهن تڏهن ڪيس جادوگر (يا ڪوڙو) يا مجنون (يعني ديوانو) سڏيندا هئا.

اَتَوَاصَوْا بِهٖ ۚ بَلْ هُمْ قَوْمٌ طَاغُوْنَ ﴿٥٣﴾

(٥٣) ڇا هو هڪٻئي کي (پوين لاءِ) اهائي وصيت ڪندا رهيا آهن؟ حقيقت هيءَ آهي ته اهي اهي ماڻهو آهن جيڪي سرڪشيءَ ۾ حدن کان ٻاهر لنگهي چڪا آهن.

فَتَوَلَّ عَنْهُمْ فَمَآ اَنْتَ بِمَلُوْمٍ ﴿٥٤﴾

(٥٤) سو (اي پيغمبر) تون هنن (ڪافرن) کان منهن موڙي ڇڏ، (ڇو ته انهيءَ حالت ۾) تون بي ميار آهين.

وَّذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۵۵﴾

(٥٥) پر (تنهن هوندي به) نصيحت ڪندو رهه (۽ اسلام جي تبليغ ڪندو رهه) جو ته ايمان وارن کي نصيحت (۽ اسلام جي تعليم) وڏو فائدو ٿي پهچائي.

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ ﴿۵۶﴾

(٥٦) ۽ مون جنن توڙي انسانن کي فقط هن لاءِ خلقيو آهي ته هو منهنجي ٻانهپ ڪن (۽ ٻين جي غلاميءَ کان بچي انسانيت جي معراج تي پهچن).

مَاۤ اُرِيْدُ مِنْهُمْ مِّنْ رِّزْقٍ وَّمَاۤ اُرِيْدُ اَنْ يُّطْعِمُوْنِ ﴿۵۷﴾

(٥٧) (مان جو حڪم ٿو ڏيان ته منهنجي ٻانهپ ڪن سو ان ۾ منهنجو ڪو ذاتي غرض ڪونهي مان ته غني آهيان) مان ڪو هنن (جنن ۽ انسانن) کان ماحول رزق (ونڻ) ڪونه ٿو چاهيان، نڪي مان چاهيان ٿو ته مون کي هو ماني کارائين.

اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الرَّزَّاقُ ذُو الْقُوَّةِ الْمَتِيْنُ ﴿۵۸﴾

(٥٨) يقيناً الله ئي آهي جو (پاڻ ٻين کي) مال رزق ڏيندڙ آهي. وڏي طاقت ۽ قدرت وارو آهي ۽ (دائما) محڪم ۽ مستقل آهي.

فَاِنَّ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ذَنُوْبًا مِّثْلَ ذَنُوْبِ اَصْحٰبِهِمْ فَلَا يَسْتَعْجِلُوْنِ ﴿۵۹﴾

(٥٩) سو يقين ڄاڻو ته جن ماڻهن ظلم جي واٽ اختيار ڪئي آهي تن جي نصيب ۾ اهڙو ئي عذاب مقرر ٿيل آهي، جهڙو سندن (اڳوڻن ظالم) ساٿين لاءِ ظهور ۾ آيو هو، سو انهن کي گهرجي ته مون سان اها تڪڙ نه لائين (ته اسان تي جلد عذاب آڻ ته ڏسون ته سهي).

فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ يَّوْمِهِمُ الَّذِيْ يُوْعَدُوْنَ ﴿۶۰﴾

(٦٠) سو جن ڪفر جي واٽ ورتي آهي تن جي لاءِ وڏي مصيبت ٿيندي، سندن (عذاب واري) ڏينهن جي جنهن جو ساڻن واعدو ڪيل آهي.

## سورة الطور – مکي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع 1

**عملن جو بدلو ملڻ جي حقيقت**

وَالطُّوْرِ ﴿۱﴾

(١) طور شاهد آهي.

وَكِتٰبٍ مَّسْطُوْرٍ ﴿۲﴾ فِيْ رَقٍّ مَّنْشُوْرٍ ﴿۳﴾

(٢۽ ٣) ۽ (خدائي) ڪتاب شاهد آهي جو لکيل آهي ۽ کليل اڻ ويڙهيل ڪاغذ تي آهي (جنهن ڪري هرڪو پڙهي ٿو سگهي).

وَّالْبَيْتِ الْمَعْمُوْرِ ﴿۴﴾

(٤) ۽ آباد گهر (الله جو) پڻ شاهد آهي.

وَالسَّقْفِ الْمَرْفُوْعِ ﴿۵﴾

(٥) ۽ (آسمان جي بي انتها) اوچي ۽ بلند ڇت به شاهد آهي.

وَالْبَحْرِ الْمَسْجُوْرِ ﴿۶﴾

(٦) ۽ لهرون هڻندڙ سمنڊ به شاهد آهي ته،

اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ لَوَاقِعٌ ﴿۷﴾

(٧) (اي پيغمبر!) تنهنجي پروردگار جو عذاب يقيناً ضرور اچڻو آهي.

مَّا لَهٗ مِنْ دَافِعٍ ﴿۸﴾

(٨) ان کي ڪو به ٽاري ڪونه سگهندو.

يَّوْمَ تَمُوْرُ السَّمَآءُ مَوْرًا ۙ﴿٩﴾

(٩) انهيءَ ڏينهن آسمان سخت ٿرٿلي ۾ اچي ويندو (وڏو انقلاب برپا ٿي ويندو).

وَّتَسِيْرُ الْجِبَالُ سَيْرًا ؕ﴿١٠﴾

(١٠) ۽ (ايتري قدر ٿرٿلو ٿيندو جو خود) جبل بہ هيڏي هوڏي ڀڄندا رهندا.

فَوَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ۙ﴿١١﴾

(١١) سو (يقين ڄاڻو تہ) انهيءَ ڏينهن يعني انقلاب واري زماني ۾) حق کي نہ مڃيندڙن لاءِ مصيبت مچي ويندي (۽ تباهيءَ کي اکين آڏو ڏسندا).

الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ خَوْضٍ يَّلْعَبُوْنَ ۘ﴿١٢﴾

(١٢) جيڪي بيهودين (عيش عشرتن) ۾ کيل تماشا ڪري رهيا آهن.

يَوْمَ يُدَعُّوْنَ اِلٰى نَارِ جَهَنَّمَ دَعًّا ؕ﴿١٣﴾

(١٣) انهيءَ ڏينهن کين جهنم جي باهہ ڏانهن سختيءَ سان ڌڪيو ويندو.

هٰذِهِ النَّارُ الَّتِيْ كُنْتُمْ بِهَا تُكَذِّبُوْنَ ﴿١٤﴾

(١٤) (۽ کين چيو ويندو تہ) هيءَ اُتوَ اها باهہ جنهن کي توهان ڪوڙو ٺهرائيندا هئو (يعني توهان چوندا هئو تہ خالي دڙڪا آهن. اسان تي عذاب ڪونہ ايندو. اسان زور وارا ماڻهو آهيون.)

اَفَسِحْرٌ هٰذَآ اَمْ اَنْتُمْ لَا تُبْصِرُوْنَ ۚ﴿١٥﴾

(١٥) (کين هي بہ چيو ويندو تہ) پوءِ ڇا هي سڀ ڪوڙو ناهہ آهي؟ يا هيئن آهي ڇا تہ توهان (انڌا آهيو ۽) ڏسي نٿا سگهو.

اِصْلَوْهَا فَاصْبِرُوْٓا اَوْ لَا تَصْبِرُوْا ۚ سَوَآءٌ عَلَيْكُمْ ؕ اِنَّمَا تُجْزَوْنَ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٦﴾

(١٦) (هاڻي) سڙو انهيءَ باهہ ۾، هاڻي صبر ڪيو يا (روڄ راڙو ڪيو ۽) صبر وڃائي ويهو، اوهان جي لاءِ ساڳي ڳالهہ آهي (هاڻي نڪي صبر مان ڪجهہ ورندو، نڪي روڄ راڙي مان ڪجهہ ورندو) جيڪي جيڪي عمل توهان ڪندا هئو، تنهن جو ئي بدلو اوهان کي ملي رهيو آهي (نہ گهٽ نہ وڌ. اوهان سان ڪجهہ بہ بي انصافي ڪانہ ڪئي ويئي آهي.)

اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّنَعِيْمٍ ۙ﴿١٧﴾

(١٧) يقيناً متقي (پرهيزگار) ماڻهو باغن ۾، وڏين نعمتن ۽ خوشين ۾ رهندا.

فٰكِهِيْنَ بِمَآ اٰتٰىهُمْ رَبُّهُمْ ۚ وَوَقٰىهُمْ رَبُّهُمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ ﴿١٨﴾

(١٨) جيڪي (نعمتون) سندن پروردگار کين عطا ڪندو سي وڏي خوشيءَ سان ماڻيندا. ۽ سندن پروردگار کين جهنم جي عذاب کان (يا انقلاب جي مصيبتن کان) بچائي وٺندو.

كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓئًا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۙ﴿١٩﴾

(١٩) (۽ کين چيو ويندو تہ) پنهنجن نيڪ عملن جي بدلي ۾ (هاڻي) مزي سان (۽ امن امان ۾) کائو پيئو.

مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى سُرُرٍ مَّصْفُوْفَةٍ ۚ وَزَوَّجْنٰهُمْ بِحُوْرٍ عِيْنٍ ﴿٢٠﴾

(٢٠) هو قطارن ۾ رکيل (شاندار) ڪوچن تي ٽيڪ ڏيئي ويهندا ۽ اسان کين وڏين ۽ چمڪندڙ اکين وارن سنگتين سان ملائيندا سين.

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَاتَّبَعَتْهُمْ ذُرِّيَّتُهُمْ بِاِيْمَانٍ اَلْحَقْنَا بِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَمَآ اَلَتْنٰهُمْ مِّنْ عَمَلِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ ؕ كُلُّ امْرِئٍۢ بِمَا كَسَبَ رَهِيْنٌ ﴿٢١﴾

(٢١) ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ جيڪي سندن اهل اولاد جا ماڻهو ايمان بابت سندن نقش قدم تي هليا (يعني سندن روش اختيار ڪيائون) تن سڀني کي اسان هڪٻئي سان ملائيندا سين، ۽ سندن عملن (جي بدلي ۾ مليل نعمتن) مان اسان ڪجهہ بہ نہ گهٽائيندا سين، هرهڪ شخص پنهنجي ئي عملن جو پورو پورو نتيجو پائيندو.

وَ اَمۡدَدۡنٰهُمۡ بِفَاكِهَةٍ وَّ لَحۡمٍ مِّمَّا يَشۡتَهُوۡنَ ﴿۲۲﴾

(٢٢) ۽ اسان هنن کي ميوا ۽ گوشت ڏيندا رهنداسين، اهڙا جهڙا هو چاهيندا ۽ پسند ڪندا.

يَتَنَازَعُوۡنَ فِيۡهَا كَاۡسًا لَّا لَغۡوٌ فِيۡهَا وَ لَا تَاۡثِيۡمٌ ﴿۲۳﴾

(٢٣) هو ان (بهشت) ۾ اهڙو پيالو (شربت جو) هڪٻئي ۾ ڦيرائيندا رهندا جنهن ۾ ڪابہ بيهودگي (يعني نشو وغيره) ڪونہ هوندو، نڪي ان ۾ ڪا گناهہ جهڙي ڳالهہ هوندي.

وَ يَطُوۡفُ عَلَيۡهِمۡ غِلۡمَانٌ لَّهُمۡ كَاَنَّهُمۡ لُؤۡلُؤٌ مَّكۡنُوۡنٌ ﴿۲۴﴾

(٢٤) ۽ هنن جي چوڌاري سندن (خدمت لاءِ سهٽا) ڇوڪرا ۽ نوجوان ڦرندا رهندا، جيڪي لڪايل موتين وانگر (چمڪندڙ، بي داغ معصوم) هوندا.

وَ اَقۡبَلَ بَعۡضُهُمۡ عَلٰى بَعۡضٍ يَّتَسَآءَلُوۡنَ ﴿۲۵﴾

(٢٥) ۽ اهي (جنتي ماڻهو خوشي ۽ محبت ۾) هڪٻئي ڏانهن وڌي ايندا ۽ هڪٻئي کان (عجيب عجيب) سوال پڇندا (۽)

قَالُوۡۤا اِنَّا كُنَّا قَبۡلُ فِىۡۤ اَهۡلِنَا مُشۡفِقِيۡنَ ﴿۲۶﴾

(٢٦) چوندا تہ اسان اڳي پنهنجي ماڻهن (۽ اهل اولاد) بابت ڊڄندا هئاسين (تہ مرڻ کان پوءِ خبر ناهي تہ وري ملنداسين يا نہ).

فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيۡنَا وَ وَقٰنَا عَذَابَ السَّمُوۡمِ ﴿۲۷﴾

(٢٧) پر الله تعاليٰ اسان تي وڏو احسان ڪيو آهي ۽ اسان کي (جهنم جي) ساڙيندڙ هوا جي عذاب کان بچائي ورتو آهي.

اِنَّا كُنَّا مِنۡ قَبۡلُ نَدۡعُوۡهُ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الۡبَرُّ الرَّحِيۡمُ ﴿۲۸﴾

(٢٨) سچ پچ اسان اڳي الله تعاليٰ کي (پنهنجي مغفرت لاءِ) پڪاريندا هئاسين، سچ پچ هو ڏاڍو مهربان ۽ وڏي رحم وارو آهي.

رکوع 2

**اي پيغمبر تون منهنجو پيغام پهچائيندو رهہ**

فَذَكِّرۡ فَمَاۤ اَنۡتَ بِنِعۡمَتِ رَبِّكَ بِكَاهِنٍ وَّ لَا مَجۡنُوۡنٍ ﴿۲۹﴾

(٢٩) سو (اي پيغمبر!) تون نصيحت ڪندو رهہ. ڇو تہ خدا جي فضل سان تون نڪي منتري جوڳي آهين ۽ نڪي ديوانو آهين. (ڪافر توتي اهي ۽ ٻيا نالا ٿا رکن پر تون پرواهہ نہ ڪر).

اَمۡ يَقُوۡلُوۡنَ شَاعِرٌ نَّتَرَبَّصُ بِهٖ رَيۡبَ الۡمَنُوۡنِ ﴿۳۰﴾

(٣٠) يا اهي (ڪافر تنهنجي بابت) هيئن ٿا چون، ڇا تہ هو شاعر آهي، جنهن لاءِ اسان زماني جي ڪنهن آفت جو انتظار ڪري رهيا آهيون.

قُلۡ تَرَبَّصُوۡا فَاِنِّىۡ مَعَكُمۡ مِّنَ الۡمُتَرَبِّصِيۡنَ ﴿۳۱﴾

(٣١) (اي پيغمبر تون کين) چئو تہ ڀلي ترسو، مان بہ توهان سان گڏ ترسڻ ۽ انتظار ڪرڻ وارو آهيان. پاڻهي ڏسندو تہ حق غالب پوندو).

اَمۡ تَاۡمُرُهُمۡ اَحۡلَامُهُمۡ بِهٰذَاۤ اَمۡ هُمۡ قَوۡمٌ طَاغُوۡنَ ﴿۳۲﴾

(٣٢) هيئن آهي ڇا تہ سندن عقل ۽ سمجهہ کين اهائي ڳالهہ ٿي سيکاري؟ (نہ نہ! هو عقل تہ هلائين ئي ڪونہ ٿا) يا هيئن آهي ڇا تہ هو اهڙا ماڻهو آهن جيڪي (ضد ۽ خود غرضيءَ سببان ظلم جي راهہ ۾) حدن کان ٻاهر نڪري ويا آهن؟ (حقيقت اها آهي).

اَمۡ يَقُوۡلُوۡنَ تَقَوَّلَهٗ ۚ بَلۡ لَّا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۳۳﴾

(٣٣) يا هيئن ٿا چون ڇا تہ هن (يعني حضرت محمد ﷺ) پنهنجو ناهہ

ناهيو آهي؟ (۽ خدا هن ڏي وحي ڪونہ ٿو موڪلي) پر حقيقت هيءَ آهي، هنن کي ايمان يا يقين آهي ئي ڪونہ. (هو رڳو گمانن ۽ وهمن ۾ ٿاڦوڙا پيا ٿا هڻن.)

فَلْيَأْتُوا بِحَدِيثٍ مِّثْلِهِ إِن كَانُوا صَادِقِينَ ﴿٣٤﴾

(٣٤) (جيڪڏهن ائين ٿا سمجهن تہ قرآن الله جو ڪلام ناهي ۽) جيڪڏهن پنهنجي دعويٰ ۾ سچا آهن تہ پلا اهڙي قسم جو ڪلام ٺاهي آڻي ڏيکارين تہ سهي. (اهڙو ڪلام اڄ تائين ڪوبہ ٺاهي نہ سگهيو آهي.)

أَمْ خُلِقُوا مِنْ غَيْرِ شَيْءٍ أَمْ هُمُ الْخَالِقُونَ ﴿٣٥﴾

(٣٥) يا هيئن آهي ڇا تہ، هو عدم مان پنهنجو پاڻ پيدا ٿي پيا آهن يا پاڻ ئي خالق آهن؟

أَمْ خَلَقُوا السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضَ ۚ بَل لَّا يُوقِنُونَ ﴿٣٦﴾

(٣٦) يا هيئن آهي ڇا تہ هنن پاڻ آسمانن ۽ زمين کي خلقيو آهي؟ نہ نہ! حقيقت هيءَ آهي تہ هنن کي (علم ۽) يقين ڪونهي.

أَمْ عِندَهُمْ خَزَائِنُ رَبِّكَ أَمْ هُمُ الْمُصَيْطِرُونَ ﴿٣٧﴾

(٣٧) يا هئين آهي ڇا تہ، تنهنجي پروردگار جا خزانا هنن وٽ آهن؟ يا (جهان جي ڪاروبار جا) داروغا يا مئنيجر پاڻ آهن؟

أَمْ لَهُمْ سُلَّمٌ يَسْتَمِعُونَ فِيهِ ۖ فَلْيَأْتِ مُسْتَمِعُهُم بِسُلْطَانٍ مُّبِينٍ ﴿٣٨﴾

(٣٨) يا وٽن ڪا ڏاڪڻ آهي ڇا (جنهن تي چڙهي) هو (خدائي راز ۽ حقيقتون) ٻڌي ٿا اچن؟ جيڪڏهن ائين آهي تہ هنن مان ڪوبہ ٻڌندڙ چٽي چٽي ثابتي تہ پيش ڪري. (پر ائين هرگز ناهي.)

أَمْ لَهُ الْبَنَاتُ وَلَكُمُ الْبَنُونَ ﴿٣٩﴾

(٣٩) يا (هيئن ٿا سمجهو ڇا تہ) الله کي تہ ڌيئر آهن (جن جو ڄمڻ پاڻ لاءِ پسند ڪونہ ڪندا آهيو) باقي پنهنجي لاءِ پٽ (ٿا چاهيو)؟

أَمْ تَسْأَلُهُمْ أَجْرًا فَهُم مِّن مَّغْرَمٍ مُّثْقَلُونَ ﴿٤٠﴾

(٤٠) يا (اي پيغمبر! هيئن آهي ڇا تہ) تون ڪانئن اجورو گهرين ٿو (۽ وڏيون رقمون وٺين ٿو) جنهن جي ڪري هو قرضن جي بار هيٺ اچي ويا آهن؟

أَمْ عِندَهُمُ الْغَيْبُ فَهُمْ يَكْتُبُونَ ﴿٤١﴾

(٤١) يا (هيئن آهي ڇا تہ) هنن وٽ غيب (جي حقيقت اچي وئي) آهي جن کي هو لکندا ٿا وڃن؟

أَمْ يُرِيدُونَ كَيْدًا ۖ فَالَّذِينَ كَفَرُوا هُمُ الْمَكِيدُونَ ﴿٤٢﴾

(٤٢) يا (هيئن آهي ڇا تہ) هو (تنهنجي خلاف) ڪو منصوبو ٺاهي رهيا آهن؟ پر حقيقت هيءَ آهي تہ ڪافر پاڻ (خدائي عذاب جي) تجويزن ۾ وڪوڙجي ويا آهن (۽ پاڻ تباهہ ٿيندا).

أَمْ لَهُمْ إِلَٰهٌ غَيْرُ اللَّهِ ۚ سُبْحَانَ اللَّهِ عَمَّا يُشْرِكُونَ ﴿٤٣﴾

(٤٣) يا (هيئن آهي ڇا تہ) هنن جي لاءِ الله تعاليٰ کانسواءِ ڪوبہ ٻيو معبود آهي؟ (نہ نہ!) الله تعاليٰ پاڪ ۽ گهڻو بلند آهي، اهڙين شرڪ جي ڳالهين کان جي هو ڪندا رهن ٿا.

وَإِن يَرَوْا كِسْفًا مِّنَ السَّمَاءِ سَاقِطًا يَقُولُوا سَحَابٌ مَّرْكُومٌ ﴿٤٤﴾

(٤٤) ۽ جيڪڏهن هو آسمان مان ڪو ٽڪرو ڪرندو ڏسندا تہ (ائين ڪونہ سمجهندا تہ اسان آسماني آفت اچي رهي آهي) هو چوندا تہ اهو گهاٽو

ڪکر آهي (جو مينهن وسائيندو ۽ اسان جو ملڪ آباد ڪندو، جيئن عاد قوم جي ماڻهن سمجهيو هو.)

فَذَرۡهُمۡ حَتّٰى يُلٰقُوۡا يَوۡمَهُمُ الَّذِىۡ فِيۡهِ يُصۡعَقُوۡنَۙ ﴿۴۵﴾

(٤٥) سو (اي پيغمبر) تون کين ڇڏي ڏي تان جو هو اهو پنهنجو ڏينهن اکين سان ڏسن، جنهن ۾ بيهوش ٿي ويندا. (جيئن بجليءَ جو شاڪ بيهوش ڪري ڇڏيندو آهي.)

يَوۡمَ لَا يُغۡنِىۡ عَنۡهُمۡ كَيۡدُهُمۡ شَيۡـًٔـا وَّلَا هُمۡ يُنۡصَرُوۡنَؕ ﴿۴۶﴾

(٤٦) انهيءَ ڏينهن سندن حيلا ۽ تجويزون کين ڪجهه به ڪم نه اينديون، نڪي هنن کان ڪا مدد ملندي.

وَاِنَّ لِلَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا عَذَابًا دُوۡنَ ذٰلِكَ وَلٰـكِنَّ اَكۡثَرَهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۴۷﴾

(٤٧) ۽ يقيناً ظالمن کي هن (دنيائي عذاب) کان سواءِ ٻيو (آخرت وارو) عذاب به ڏنو ويندو، پر هنن مان گهڻا انهيءَ حقيقت کان بي خبر آهن.

وَاصۡبِرۡ لِحُكۡمِ رَبِّكَ فَاِنَّكَ بِاَعۡيُنِنَا وَسَبِّحۡ بِحَمۡدِ رَبِّكَ حِيۡنَ تَقُوۡمُ ۙ ﴿۴۸﴾

(٤٨) سو (اي پيغمبر!) تون پنهنجي پروردگار جي حڪم لاءِ صبر ۽ ثابت قدميءَ سان ترس. يقيناً تون اسان جي اکين جي سامهون آهين، (اسان جي توتي شفقت جي نظر آهي، اسان توکي هنن دشمنن کان بچائيندا سين ۽ ڪامياب ڪندا سين) ۽ تون جڏهن جڏهن (نماز لاءِ يا ڪنهن اهم ڪم لاءِ) اٿي ڪڙو ٿئين تڏهن تڏهن پنهنجي پروردگار جي حمد ۽ ثنا ڪندو رهه.

وَمِنَ الَّيۡلِ فَسَبِّحۡهُ وَاِدۡبَارَ النُّجُوۡمِ ﴿۴۹﴾

(٤٩) ۽ رات جو ڪجهه حصو به الله تعاليٰ جي پاڪائي ۽ شان بيان ڪرڻ ۾ گذار ۽ تارن جي لهڻ کان پوءِ به (يعني فجر جي وقت به) پاڪائي ۽ شان بيان ڪندو رهه.

## سورة النجم – مکي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

### رڪوع 1

حضرت محمد ﷺ جن جي روحاني ترقي جو مشاهدو اسان انسان نٿا ڪري سگهون

وَالنَّجۡمِ اِذَا هَوٰىۙ ﴿۱﴾

(١) بلنديءَ تي پهچي پوءِ لهڻ وارو تارو (جو هميشه اوهان کي طرف ۽ وات ڏيکاريندو آهي سو هن حقيقت تي) شاهد آهي ته،

مَا ضَلَّ صَاحِبُكُمۡ وَمَا غَوٰىۚ ﴿۲﴾

(٢) اوهان جو رفيق (حضور ﷺ) نڪي غلط راهه تي هلي رهيو آهي، نڪي ڀلجي ويو آهي.

وَمَا يَنۡطِقُ عَنِ الۡهَوٰىؕ ﴿۳﴾

(٣) هو ازخود پنهنجي خواهش موجب (دين جون ڳالهيون) ڪونه ٻڌائي رهيو آهي.)

اِنۡ هُوَ اِلَّا وَحۡىٌ يُّوۡحٰىۙ ﴿۴﴾

(٤) اهو ته فقط خدا وٽان موڪليل وحي آهي (جو هو توهان تائين پهچائي ٿو).

عَلَّمَهٗ شَدِيْدُ الْقُوٰى ۙ۝٥

(٥) جو وحي انهيءَ زبردست طاقت جي مالڪ (جبرائيل) ڪيس سيکاريو آهي جو،

ذُوْ مِرَّةٍ ۭ فَاسْتَوٰى ۙ۝٦

(٦) قوت وارو آهي. سو هو (غار حرا وٽ) سڌو سامهون آيو.

وَهُوَ بِالْاُفُقِ الْاَعْلٰى ۭ۝٧

(٧) جڏهن اهو آسمان جي مٿئين ڪناري تي هو.

ثُمَّ دَنَا فَتَدَلّٰى ۙ۝٨

(٨) پوءِ هو ويجهو ٿيو ۽ لهي آيو.

فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى ۚ۝٩

(٩) تان جو ٻن ڪمانن جو مفاصلو وڃي رهيو، بلڪ اڃا بہ ويجهو ٿيو.

فَاَوْحٰٓى اِلٰى عَبْدِهٖ مَآ اَوْحٰى ۭ۝١٠

(١٠) (انهيءَ حد ڪي پهچڻ ڪان) پوءِ الله تعاليٰ جي ٻانهي ڪي اُهو وحي پهچايو جو ڪيس پهچائڻو هو.

مَا كَذَبَ الْفُؤَادُ مَا رَاٰى ۝١١

(١١) (حضور ڪريم ﷺ) جيڪي ڏٺو تنهن جي سمجهڻ ۾ سندس دل ڪوتاهي ڪانہ ڪئي.

اَفَتُمٰرُوْنَهٗ عَلٰى مَا يَرٰى ۝١٢

(١٢) پوءِ ڇا توهان ساڻس ان ڳالهہ بابت جهڳڙو ٿا ڪيو جا ڳالهہ هن پنهنجي اکين سان ڏٺي آهي؟

وَلَقَدْ رَاٰهُ نَزْلَةً اُخْرٰى ۙ۝١٣

(١٣) ۽ يقيناً هن ان کي هڪڙي ٻئي وقت بہ ڏٺو (ڪٿي؟)

عِنْدَ سِدْرَةِ الْمُنْتَهٰى ۝١٤

(١٤) سدرة المنتهيٰ وٽ (جنهن ڪان اڳتي ڪو بہ وڃي نٿو سگهي).

عِنْدَهَا جَنَّةُ الْمَاْوٰى ۭ۝١٥

(١٥) ان جي ويجهو اها جنت آهي جو رهڻ جو هنڌ آهي (انهن لاءِ جي وحي تي عمل ڪندا).

اِذْ يَغْشَى السِّدْرَةَ مَا يَغْشٰى ۙ۝١٦

(١٦) جڏهن سدرة تي اها شيءِ ڇانئجي ويئي جا ڇانئجڻي هئي.

مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغٰى ۝١٧

(١٧) تڏهن (حضرت جن جي حقيقت ڏسندڙ) نگاهہ نڪي ٻئي طرف ڦري، نڪي حد ڪان ٻاهر نڪري ويئي (يعني حضور ڪريم ﷺ جن کي حقيقت ڪي پوريءَ طرح سمجهيو نہ گهٽ نہ وڌ).

لَقَدْ رَاٰى مِنْ اٰيٰتِ رَبِّهِ الْكُبْرٰى ۝١٨

(١٨) يقيناً هن پنهنجي پروردگار جون وڏيون وڏيون نشانيون ڏٺيون.

اَفَرَءَيْتُمُ اللّٰتَ وَالْعُزّٰى ۙ۝١٩

(١٩) (ڪٿي حضرت جن جو عروج ۽ ڪمال ۽ ڪٿي ڪافرن جو تنزل جو پٿر جي بتن اڳيان ڪريا پيا آهن!) سو ڇا توهان لات ۽ عزيٰ ڏٺا آهن؟

وَمَنٰوةَ الثَّالِثَةَ الْاُخْرٰى ۝٢٠

(٢٠) ۽ ٽئين منات ڪي بہ ڏٺو اٿو؟ (اهي ٽيئي بت عورتن جي شڪلين ۾ آهن.)

اَلَكُمُ الذَّكَرُ وَلَهُ الْاُنْثٰى ۝٢١

(٢١) ڇا اوهان (ڪافرن) لاءِ تہ نر آهن، باقي الله جي لاءِ ماديون؟ (يعني اوهان تہ پٽ پسند ڪندا آهيو، پوءِ بتن کي ماديون ڪيئن ٿا بنايو ۽ ڪيئن ٿا سمجهو تہ ڪي ديوتائون ماديون آهن).

تِلْكَ اِذًا قِسْمَةٌ ضِيْزٰى ﴿۲۲﴾

(٢٢) اهو تہ وڏو بي انصافيءَ جو ورهاڱو آهي.

اِنْ هِيَ اِلَّآ اَسْمَآءٌ سَمَّيْتُمُوْهَآ اَنْتُمْ وَ اٰبَآؤُكُمْ مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ؕ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَمَا تَهْوَى الْاَنْفُسُ ۚ وَ لَقَدْ جَآءَهُمْ مِّنْ رَّبِّهِمُ الْهُدٰى ؕ ﴿۲۳﴾

(٢٣) اهي آهن تہ ڪجھ بہ ڪين, رڳو نالا آهن, جي اوهان ۽ اوهان جي وڏن ڪڙي هنن تي ڌريا آهن جن بابت الله تعاليٰ ڪابہ سند نازل نہ ڪئي آهي. اهي (ڪافر) فقط گمان تي هلي رهيا آهن ۽ جيڪي سندن نفس چاهين ٿا تنهن جي پوئتون لڳي رهيا آهن, اگرچہ هنن وٽ سندن پروردگار وٽان سچي هدايت اچي چڪي آهي.

اَمْ لِلْاِنْسَانِ مَا تَمَنّٰى ۖ﴿۲۴﴾

(٢٤) ڇا انسان جنهن بہ شيءِ جي خواهش رکي ٿو سا ڪيس ملي ويندي؟ (نہ نہ سڀ ڪجھ الله جي هٿ ۾ آهي).

فَلِلّٰهِ الْاٰخِرَةُ وَ الْاُوْلٰى ﴿۲۵﴾ ع

(٢٥) سو (ياد رکو تہ) آخرت (جي ڀلائي) توڙي مهڙ واري (دنيا جي ڀلائي) الله جي هٿ ۾ آهي (۽ جنهن کي مناسب سمجهي ٿو تنهن کي ڏئي ٿو).

رڪوع 2

**ڪبيرا گناهہ ۽ فاحش ڪاريون خدا نٿو بخشي.**

وَ كَمْ مِّنْ مَّلَكٍ فِي السَّمٰوٰتِ لَا تُغْنِيْ شَفَاعَتُهُمْ شَيْـًٔا اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ اَنْ يَّاْذَنَ اللّٰهُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ يَرْضٰى ﴿۲۶﴾

(٢٦) ۽ آسمانن ۾ گهڻائي فرشتا آهن, انهن جي شفاعت يا سفارش ڪجھ بہ فائدو ڪونہ ڏيندي. سواءِ هن حالت جي جو الله تعاليٰ (پاڻ ڪنهن کي) اجازت ڏئي انهيءَ ماڻهوءَ جي (سفارش ڪرڻ) لاءِ جنهن لاءِ چاهي ۽ راضپو ڏيکاري. (اهڙي اجازت کان پوءِ سفارش قبول پئجي سگهي ٿي).

اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ لَيُسَمُّوْنَ الْمَلٰٓئِكَةَ تَسْمِيَةَ الْاُنْثٰى ﴿۲۷﴾

(٢٧) جيڪي ماڻهو آخرت ۾ ايمان ئي ڪونہ ٿا رکن سي ملائڪن تي زنانا نالا ٿا رکن.

وَمَا لَهُمْ بِهٖ مِنْ عِلْمٍ ؕ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ ۚ وَ اِنَّ الظَّنَّ لَا يُغْنِيْ مِنَ الْحَقِّ شَيْـًٔا ۚ﴿۲۸﴾

(٢٨) انهيءَ بابت هنن کي ڪجھ بہ علم ڪونهي. هو فقط گمان جي پوئتان لڳي پيا آهن, ۽ حق جي مقابلي ۾ گمان (ڪنهن بہ ڪم جو) ناهي ۽ ڪجھ بہ فائدو نہ ڏيندو.

فَاَعْرِضْ عَنْ مَّنْ تَوَلّٰى ۙ عَنْ ذِكْرِنَا وَ لَمْ يُرِدْ اِلَّا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ؕ﴿۲۹﴾

(٢٩) سو (اي پيغمبر!) جن ماڻهن اسان جي نصيحت کان منهن موڙي ڇڏيو آهي ۽ دنيائي زندگيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نٿا چاهين تن کان تون بہ منهن موڙي ڇڏ.

ذٰلِكَ مَبْلَغُهُمْ مِّنَ الْعِلْمِ ؕ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۙ وَهُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اهْتَدٰى ﴿۳۰﴾

(٣٠) هنن جو علم فقط ايستائين (يعني وقتي فائدي يا لذت تائين) پهچي ٿو (هو دور ڏسي نٿا سگهن تہ پوءِ آخر ڪهڙو نتيجو نڪرندو) يقيناً تنهنجو پروردگار ئي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو تہ ڪير سندس راهہ کان گمراهہ ٿي پيو آهي, ۽ اهوئي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو تہ ڪنهن سڌي واٽ ورتي آهي.

وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۙ لِيَجْزِيَ

(٣١) ۽ جيڪي بہ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي بہ زمين ۾ آهي سو الله ئي

الَّذِيْنَ اَسَاۗءُوْا بِمَا عَمِلُوْا وَيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا بِالْحُسْنٰى ۝۳۱

جي قبضي ۾ آهي، انهيءَ لاءِ ته جن برائيون ڪيون آهن تن کي سندن (بد) عملن جو بدلو ڏئي ۽ جن چڱايون ڪيون آهن تن کي سندن چڱائين جي بدلي ۾ بهتر چڱائيون (۽ نعمتون) ڏئي.

اَلَّذِيْنَ يَجْتَنِبُوْنَ كَبٰۗىِٕرَ الْاِثْمِ وَالْفَوَاحِشَ اِلَّا اللَّمَمَ ۭ اِنَّ رَبَّكَ وَاسِعُ الْمَغْفِرَةِ ۭ هُوَ اَعْلَمُ بِكُمْ اِذْ اَنْشَاَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ وَاِذْ اَنْتُمْ اَجِنَّةٌ فِيْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ ۚ فَلَا تُزَكُّوْٓا اَنْفُسَكُمْ ۭ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اتَّقٰى ۝۳۲

(٣٢) جيڪي ماڻهو ڪبيرن گناهن کان ۽ فحش ڪارين کان پري رهن ٿا، پر (پل چڪ کان) تنهنجو پروردگار بخشڻ ۾ نهايت ئي ڪشادائي ڪرڻ وارو آهي. هو اوهان کي خوب ڄاڻي ٿو، جڏهن کان اوهان کي زمين مان پيدا ڪيائين ۽ جڏهن توهان پنهنجي مائرن جي پيٽن ۾ لڪل هئو، سو توهان پنهنجو پاڻ کي پاڪ نه سڏايو (۽ ماڻهن تي مڪرن سان اهو اثر نه ويهاريو ته اسان وڏا نيڪ آهيون) اهو الله ئي بهتر ڄاڻي ٿو ته ڪير سچ پچ نيڪ ۽ پرهيزگار آهي.

رڪوع 3

**ڪوبه بار کڻندڙ ٻئي جو بار نٿو کڻي. هر ڪنهن کي پنهنجي محنت ڪم ايندي.**

اَفَرَءَيْتَ الَّذِيْ تَوَلّٰى ۝۳۳

(٣٣) (اي پيغمبر!) تو انهيءَ ماڻهو کي نه ڏٺو آهي جنهن (حق کان) منهن موڙي ڇڏيو آهي؟

وَاَعْطٰى قَلِيْلًا وَّاَكْدٰى ۝۳۴

(٣٤) ۽ جنهن ٿورڙو ڏنو آهي، ۽ (پوءِ دل) سخت ڪئي اٿس، (۽ هٿ) روڪي ڇڏيو اٿس.

اَعِنْدَهٗ عِلْمُ الْغَيْبِ فَهُوَ يَرٰى ۝۳۵

(٣٥) ڇا، هن وٽ غيب جو علم آهي ڇا جو هو ڏسي ٿو سگهي؟ (ته آخر ڇا ٿيڻو آهي؟ هرگز نه! هن کي ڪابه خبر ڪانهي).

اَمْ لَمْ يُنَبَّاْ بِمَا فِيْ صُحُفِ مُوْسٰى ۝۳۶

(٣٦) هن کي خبر ناهي ڇا ته حضرت موسىٰ وارن (خدائي) صحيفن ۾ ڇا (فرمايل آهي؟

وَاِبْرٰهِيْمَ الَّذِيْ وَفّٰٓى ۝۳۷

(٣٧) ۽ حضرت ابراهيم وارن (خدائي) صحيفن ۾ ڇا (فرمايل) آهي، جنهن (پيغمبر خدائي حڪمن جي) پوري پوري تعميل ڪئي.

اَلَّا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ۝۳۸

(٣٨) (انهن صحيفن ۾ فرمايل آهي) ته ڪوبه بار کڻندڙ ڪنهن ٻئي جو بار کڻي نٿو سگهي.

وَاَنْ لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى ۝۳۹

(٣٩) ۽ هرڪ انسان کي فقط اهو ڪم ايندو جيڪو پاڻ پنهنجي ڪوشش ۽ محنت سان ڪيو هوندائين.

وَاَنَّ سَعْيَهٗ سَوْفَ يُرٰى ۝۴۰

(٤٠) ۽ يقيناً ڪوشش ۽ محنت (جو نتيجو) ضرور جلد ئي ڏسڻ ۾ ايندو.

ثُمَّ يُجْزٰىهُ الْجَزَاۗءَ الْاَوْفٰى ۝۴۱

(٤١) پوءِ هن کي پورو پورو بدلو ملي ويندو.

وَاَنَّ اِلٰى رَبِّكَ الْمُنْتَهٰى ۝۴۲

(٤٢) ۽ يقيناً آخر تنهنجي پروردگار وٽ (سڀني کي) پهچڻو آهي.

| | |
|---|---|
| وَاَنَّهٗ هُوَ اَضْحَكَ وَاَبْكٰى ﴿٤٣﴾ | (٤٣) ۽ يقيناً اهوئي آهي جي کلائي ٿو ۽ روئاري ٿو. |
| وَاَنَّهٗ هُوَ اَمَاتَ وَاَحْيَا ﴿٤٤﴾ | (٤٤) ۽ يقيناً ماري ٿو ۽ جيئاري ٿو. |
| وَاَنَّهٗ خَلَقَ الزَّوْجَيْنِ الذَّكَرَ وَالْاُنْثٰى ﴿٤٥﴾ | (٤٥) ۽ يقيناً انهيءَ ئي نر ۽ ماديءَ جا جوڙا پيدا ڪيا (ڇا مان؟) |
| مِنْ نُّطْفَةٍ اِذَا تُمْنٰى ﴿٤٦﴾ | (٤٦) هڪڙي منيءَ جي ڦڙي مان جڏهن اهو (مقرر جاءِ تي) پهچايو وڃي ٿو. |
| وَاَنَّ عَلَيْهِ النَّشْاَةَ الْاُخْرٰى ﴿٤٧﴾ | (٤٧) ۽ يقيناً وري جيئرو ڪري اٿارڻ سندس ذمي آهي (سو هو ضرور وري اٿاريندو). |
| وَاَنَّهٗ هُوَ اَغْنٰى وَاَقْنٰى ﴿٤٨﴾ | (٤٨) ۽ يقيناً اهوئي آهي جو غني ٿو ڪري ۽ خوش ٿو رکي |
| وَاَنَّهٗ هُوَ رَبُّ الشِّعْرٰى ﴿٤٩﴾ | (٤٩) ۽ يقيناً اهوئي شعري تاري جو پروردگار آهي (جنهن کي جاهل عرب پوڄيندا آهن). |
| وَاَنَّهٗٓ اَهْلَكَ عَادَا ِۨالْاُوْلٰى ﴿٥٠﴾ | (٥٠) ۽ يقيناً انهيءَ ئي پهرين عاد قوم کي تباهہ ڪري ڇڏيو. |
| وَثَمُوْدَاۡ فَمَآ اَبْقٰى ﴿٥١﴾ | (٥١) ۽ ثمود قوم کي بہ تباهہ ڪري ڇڏيو (ايتري قدر) جو ڪنهن کي بہ نہ ڇڏيائين. |
| وَقَوْمَ نُوْحٍ مِّنْ قَبْلُ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا هُمْ اَظْلَمَ وَاَطْغٰى ﴿٥٢﴾ | (٥٢) ۽ اڳي حضرت نوح جي قوم کي بہ (ساڳيءَ طرح تباهہ ڪيو هئائين) يقيناً اهي وڏا ظالم ۽ سرڪش هئا. |
| وَالْمُؤْتَفِكَةَ اَهْوٰى ﴿٥٣﴾ | (٥٣) ۽ هن (حضرت لوط وارن سدوم ۽ غموره جي) اونڌي ڪيل شهرن کي بہ تباهہ ڪيو. |
| فَغَشّٰىهَا مَا غَشّٰى ﴿٥٤﴾ | (٥٤) پوءِ انهن شهرن کي انهن (پٿرن وغيره) ڍڪي پوري ڇڏيو جن (سچ پچ) انهن کي پوري ڇڏيو. |
| فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكَ تَتَمَارٰى ﴿٥٥﴾ | (٥٥) پوءِ (اي سرڪش انسان) پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن بابت جهڳڙا ڪندو رهندين؟ |
| هٰذَا نَذِيْرٌ مِّنَ النُّذُرِ الْاُوْلٰى ﴿٥٦﴾ | (٥٦) (رحمان رب جي وڏي نعمت آهي سندس رسول ۽ ڪتاب. سو ياد رکو تہ) هي خبردار ڪندڙ (پيغمبر ﷺ) بہ اڳوڻن خبردار ڪندڙن (پيغمبرن) مان هڪڙو آهي. |
| اَزِفَتِ الْاٰزِفَةُ ﴿٥٧﴾ | (٥٧) (۽ يا رکو تہ) اچڻ وارو (ڏينهن) اجهو آيو ڪي آيو. |
| لَيْسَ لَهَا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ كَاشِفَةٌ ﴿٥٨﴾ | (٥٨) ان کي الله کان سواءِ ڪو بہ ظاهر ڪري نٿو سگهي (تہ ڪڏهن ايندو ۽ ڇا ٿيندو). |
| اَفَمِنْ هٰذَا الْحَدِيْثِ تَعْجَبُوْنَ ﴿٥٩﴾ | (٥٩) پوءِ ڇا توهان هن ڳالهہ بابت عجب ۾ پئجي ٿا وڃو؟ (۽ اعتبار نٿا ڪيو؟) |

وَ تَضْحَكُوْنَ وَلَا تَبْكُوْنَ ﴿٦٠﴾

(٦٠) ۽ کلو ٿا پيا ۽ روئو نٿا؟

وَ اَنْتُمْ سٰمِدُوْنَ ﴿٦١﴾

(٦١) ۽ توهان بيهودين ڳالهين ۾ پنهنجو وقت ضايع ڪري رهيا آهيو. (غفلت ڇڏيو خبردار ٿيو).

فَاسْجُدُوْا لِلّٰهِ وَ اعْبُدُوْا ﴿٦٢﴾

(٦٢) الله تعاليٰ اڳيان جهڪي پئو ۽ سندس ٻانهپ ڪيو (سندس سيني حڪمن جي تعميل ڪيو).

## سورة القمر (معنيٰ: چنڊ) مکي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي

رڪوع 1

**منڪرن ڪي اڳين قومن جي تباهيءَ مان سبق سکڻ گهرجي.**

اِقْتَرَبَتِ السَّاعَةُ وَ انْشَقَّ الْقَمَرُ ﴿١﴾

(١) (تباهيءَ جي) گهڙي ويجهي اچي ويئي آهي ۽ چنڊ ڦاٽي پيو آهي.

وَ اِنْ يَّرَوْا اٰيَةً يُّعْرِضُوْا وَ يَقُوْلُوْا سِحْرٌ مُّسْتَمِرٌّ ﴿٢﴾

(٢) ۽ هي (ڪافر) جيڪڏهن ڪا نشاني ڏسن ٿا ته منهن موڙي هليا ٿا وڃن ۽ چون ٿا ته هي وقتي (يا معمولي) جادو آهي.

وَ كَذَّبُوْا وَ اتَّبَعُوْٓا اَهْوَآءَهُمْ وَ كُلُّ اَمْرٍ مُّسْتَقِرٌّ ﴿٣﴾

(٣) هو (حق کي) ڪوڙو ٺهرائين ٿا ۽ پنهنجي نفساني خواهشن جي پٺيان لڳن ٿا. پر (هنن کي يقين رکڻ گهرجي ته) هر ڪنهن ڳالهه لاءِ وقت مقرر آهي، (سو سندن تباهي به مقرر وقت تي اچي ويندي).

وَ لَقَدْ جَآءَهُمْ مِّنَ الْاَنْۢبَآءِ مَا فِيْهِ مُزْدَجَرٌ ﴿٤﴾

(٤) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته هنن (ڪافرن) وٽ گهٽيون ئي خبرون (۽ پيغمبرن جا چتاءَ ۽ اڳوڻين قومن جي تباهيءَ جا احوال) اچي چڪا آهن جن ۾ ڪافي تنبيهه آهي.

حِكْمَةٌۢ بَالِغَةٌ فَمَا تُغْنِ النُّذُرُ ﴿٥﴾

(٥) (۽ جن ۾ دلين تي اثر ڪندڙ) اعليٰ حڪمت رکيل آهي، پر (افسوس جو هنن ڪافرن کي) خبردار ڪندڙن (پيغمبرن) جون نصيحتون ڪجهه به فائدو ڪونه ٿيون ڏين.

فَتَوَلَّ عَنْهُمْ ۘ يَوْمَ يَدْعُ الدَّاعِ اِلٰى شَيْءٍ نُّكُرٍ ﴿٦﴾

(٦) سو (اي پيغمبر!) هنن (ڪافرن) کي ڇڏي ڏي. جنهن ڏينهن سڏ ڪندڙ (کين) سخت اڻ وڻندڙ (عذاب جي) واقعي ڏي سڏيندو.

خُشَّعًا اَبْصَارُهُمْ يَخْرُجُوْنَ مِنَ الْاَجْدَاثِ كَاَنَّهُمْ جَرَادٌ مُّنْتَشِرٌ ﴿٧﴾

(٧) تنهن ڏينهن سندن اکيون جهڪيل هونديون ۽ قبرن مان ائين نڪري پوندا جو ڄڻ ته ٽڙيل پکڙيل ماڪڙ آهي.

مُّهْطِعِيْنَ اِلَى الدَّاعِ ؕ يَقُوْلُ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا يَوْمٌ عَسِرٌ ﴿٨﴾

(٨) هو هڪ هنڌ ڪٺا اکين سان سڏيندڙ ڏي ڀڄندا ويندا. (۽) ڪافر چوندا ته هي ڏينهن ته ڏاڍو سخت آهي!

كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ فَكَذَّبُوْا عَبْدَنَا وَ

(٩) ڪائنن اڳي نوح جي قوم به (حضرت نوح جي نصيحت کي) ڪوڙو

قَالُوا مَجْنُونٌ وَّازْدُجِرَ ﴿٩﴾

نهرايو. سو هنن اسان جي ٻانهي (حضرت نوح) کي نہ مڃيو ۽ چيائون تہ هو مجنون (چريو) آهي ۽ هن کي تڙي ڪيڻ جي ڌمڪي ڏنائون.

فَدَعَا رَبَّهٗٓ اَنِّيْ مَغْلُوْبٌ فَانْتَصِرْ ﴿١٠﴾

(١٠) سو هن پنهنجي پروردگار کي پڪاريو تہ مان عاجز آهيان، سون منهنجي مدد ڪر.

فَفَتَحْنَآ اَبْوَابَ السَّمَاۗءِ بِمَاۗءٍ مُّنْهَمِرٍ ﴿١١﴾

(١١) سو اسان آسمان جا دروازا زبردست برسات سان کولي ڇڏيا (۽ مينهن پرنجي پيو).

وَّفَجَّرْنَا الْاَرْضَ عُيُوْنًا فَالْتَقَى الْمَاۗءُ عَلٰٓي اَمْرٍ قَدْ قُدِرَ ﴿١٢﴾

(١٢) ۽ (ان سان گڏ) زمين مان چشمان بہ وهائي ڇڏياسين. سو (آسمان ۽ زمين جو) پاڻي گڏجي پيو ۽ (الله جي) حڪم موجب ٺهرايل حد تائين چڙهيو.

وَحَمَلْنٰهُ عَلٰي ذَاتِ اَلْوَاحٍ وَّدُسُرٍ ﴿١٣﴾

(١٣) ۽ اسان هن کي (يعني حضرت نوح کي سندس ماڻهن سميت) تختن ۽ ڪلين واري ٻيڙيءَ تي ڪٽي وياسين.

تَجْرِيْ بِاَعْيُنِنَا ۚ جَزَاۗءً لِّمَنْ كَانَ كُفِرَ ﴿١٤﴾

(١٤) جا اسان جي اکين اڳيان (اسان جي خاص نظر ۽ سنڀال هيٺ) هلڻ لڳي (۽ کيس سلامت ڪٽي ويئي) اهو (خاص) بدلو مليو انهيءَ کي جنهن کي ڪافرن نہ مڃيو.

وَلَقَدْ تَّرَكْنٰهَآ اٰيَةً فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿١٥﴾

(١٥) ۽ يقيناً اسان ان کي نشانيءَ طور ڇڏيو. پوءِ آهي ڪو جو نصيحت وٺي.

فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿١٦﴾

(١٦) پوءِ (ڏسو تہ) منهنجو عذاب ۽ تنبيهہ ڪهڙي نہ سخت هئي.

وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿١٧﴾

(١٧) ۽ يقيناً اسان قرآن کي سمجهڻ لاءِ ۽ (ان مان) نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ۽ سولو ڪري ڇڏيو آهي. پوءِ آهي ڪو جو نصيحت وٺي!

كَذَّبَتْ عَادٌ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿١٨﴾

(١٨) عاد جي قوم بہ (پيغمبرن جي تعليم کي) نہ مڃيو ۽ ان کي رد ڪيو، سو (ڏسو تہ) منهنجو عذاب ۽ منهنجي تنبيهہ ڪهڙي نہ سخت هئي.

اِنَّآ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيْحًا صَرْصَرًا فِيْ يَوْمِ نَحْسٍ مُّسْتَمِرٍّ ﴿١٩﴾

(١٩) اسان انهن (عاد جي ماڻهن) جي مٿان هڪڙو سخت طوفان اهڙي ڏينهن موڪليو جو سخت نياڳائي ۽ زبردست مصيبت وارو ڏينهن هو.

تَنْزِعُ النَّاسَ ۙ كَاَنَّهُمْ اَعْجَازُ نَخْلٍ مُّنْقَعِرٍ ﴿٢٠﴾

(٢٠) جنهن انهن ماڻهن کي اهڙيءَ طرح پٽي (اڇلائي) ماريو جو ڄڻ تہ هو پاڙون پٽيل کجين جا ٿڙ هئا.

فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿٢١﴾

(٢١) سو (ڏسو تہ) منهنجو عذاب ۽ منهنجي تنبيهہ ڪهڙي نہ سخت هئي.

وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٢٢﴾

(٢٢) ۽ يقيناً اسان قرآن کي سمجهڻ لاءِ (۽ ان مان) نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ۽ سولو ڪري ڇڏيو آهي. پوءِ آهي ڪو جو نصيحت وٺي!

## رکوع 2

**ثمود جي قوم ۽ حضرت لوط جي قوم جي تباهي.**

كَذَّبَتْ ثَمُودُ بِالنُّذُرِ ﴿٢٣﴾

(٢٣) ثمود جي ماڻهن به خبردار ڪندڙ (پيغمبرن) کي نه مڃيو.

فَقَالُوا أَبَشَرًا مِّنَّا وَاحِدًا نَّتَّبِعُهُ إِنَّا إِذًا لَّفِي ضَلَالٍ وَسُعُرٍ ﴿٢٤﴾

(٢٤) هنن چيو ته، ڇا اسان مان هڪڙو انسان، اڪيلوئي اڪيلو! اسان هن جي پيروي ڪيون ۽ سندس تابعدار ٿيون! جيڪڏهن ائين ڪيون ته گمراهي ۽ چريائيءَ ۾ پئجي ويندا سين.

أَأُلْقِيَ الذِّكْرُ عَلَيْهِ مِن بَيْنِنَا بَلْ هُوَ كَذَّابٌ أَشِرٌ ﴿٢٥﴾

(٢٥) ڇا اسان سڀني جي وچئون اچي هن (مڙس) تي (خدائي) پيغام نازل ٿيو آهي؟ (بلڪل نه) بلڪ هو ڪوڙو ٻٽاڪي آهي.

سَيَعْلَمُونَ غَدًا مَّنِ الْكَذَّابُ الْأَشِرُ ﴿٢٦﴾

(٢٦) (اي حضرت صالح) هي (نادان) سڀاڻي ئي ڏسي وٺندا ته، ڪير ڪوڙو ۽ ٻٽاڪي آهي.

إِنَّا مُرْسِلُو النَّاقَةِ فِتْنَةً لَّهُمْ فَارْتَقِبْهُمْ وَاصْطَبِرْ ﴿٢٧﴾

(٢٧) اسان ڏاچي موڪلڻ وارا آهيون جا هنن لاءِ آزمائش آهي. سو تون ترس ۽ ڏس ۽ صبر اختيار ڪر.

وَنَبِّئْهُمْ أَنَّ الْمَاءَ قِسْمَةٌ بَيْنَهُمْ كُلُّ شِرْبٍ مُّحْتَضَرٌ ﴿٢٨﴾

(٢٨) ۽ هنن کي ٻڌائي ڇڏ ته پاڻي سندن وچ ۾ ورهايل آهي ۽ هرڪو پنهنجي واري تي حاضر ٿئي (۽ پنهنجي ڏورن کي پاڻ پياري).

فَنَادَوْا صَاحِبَهُمْ فَتَعَاطَىٰ فَعَقَرَ ﴿٢٩﴾

(٢٩) پر هنن ڇا ڪيو جو پنهنجي (هڪ شرير) سنگتيءَ کي سڏيائون، سو هن هڪ تلوار هٿ ۾ ڪنئي ۽ ان ڏاچيءَ جا پير ڪپي وڌائين.

فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِي وَنُذُرِ ﴿٣٠﴾

(٣٠) سو (ڏسو ته) اسان جو عذاب ۽ تنبيهه ڪهڙي نه سخت هئي.

إِنَّا أَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ صَيْحَةً وَاحِدَةً فَكَانُوا كَهَشِيمِ الْمُحْتَظِرِ ﴿٣١﴾

(٣١) اسان هنن جي مٿان هڪڙو اڪيلو سخت ڌڪاءُ نازل ڪيو، ۽ (ان زلزلي ۾) هو واڙ ٺاهيندڙ جي سڪين ڪانين جهڙا ٿي پيا.

وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْآنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِن مُّدَّكِرٍ ﴿٣٢﴾

(٣٢) ۽ يقيناً اسان قرآن کي سمجهڻ ۽ (ان مان) نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ۽ سولو ڪري ڇڏيو آهي. پوءِ آهي ڪو جو نصيحت وٺي؟

كَذَّبَتْ قَوْمُ لُوطٍ بِالنُّذُرِ ﴿٣٣﴾

(٣٣) حضرت لوط جي قوم به خبردار ڪندڙ (پيغمبرن) کي نه مڃيو.

إِنَّا أَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ حَاصِبًا إِلَّا آلَ لُوطٍ نَّجَّيْنَاهُم بِسَحَرٍ ﴿٣٤﴾

(٣٤) اسان هنن جي مٿان پٿرن جو مينهن وسايو، سواءِ حضرت لوط جي ماڻهن جي. انهن کي اسان اسُر جي وقت (شهر مان ڪڍي ٻاهر ڪيو ۽ تباهه ٿيڻ کان) بچائي ورتو.

نِّعْمَةً مِّنْ عِندِنَا كَذَٰلِكَ نَجْزِي مَن شَكَرَ ﴿٣٥﴾

(٣٥) اهو (مٿن) اسان جو فضل ٿيو. اسان اهڙيءَ طرح انهن ماڻهن کي چڱو بدلو ڏيندا آهيون، جيڪي خدا جي نعمت جو قدر ڪندا آهن (۽ سندس حڪمن تي هلندا آهن).

وَ لَقَدۡ اَنۡذَرَهُمۡ بَطۡشَتَنَا فَتَمَارَوۡا بِالنُّذُرِ ﴿۳۶﴾

(٣٦) ۽ ھيءَ حقيقت آھي تہ حضرت لوط ھنن کي اسان جي سخت پڪڙ بابت خبردار ڪيو ھو، پر ھو ان تنبيھ بابت جھڳڙا ڪندا رھيا.

وَ لَقَدۡ رَاوَدُوۡهُ عَنۡ ضَيۡفِهٖ فَطَمَسۡنَاۤ اَعۡيُنَهُمۡ فَذُوۡقُوۡا عَذَابِيۡ وَ نُذُرِ ﴿۳۷﴾

(٣٧) ۽ ھيءَ بہ حقيقت آھي تہ ھو سندس مھمانن کي (بد ارادي سان) ڪانئس کسي ڪڍڻ لاءِ لڳا. پر اسان سندن اکيون انڌيون ڪري ڇڏيون (۽ اھي مھمان سلامت نڪري ويا ۽ ڪافرن کي چيو ويو تہ) ھاڻي منھنجي عذاب ۽ تنبيھ جو مزو چکو.

وَ لَقَدۡ صَبَّحَهُمۡ بُكۡرَةً عَذَابٌ مُّسۡتَقِرٌّ ﴿ۚ۳۸﴾

(٣٨) ۽ ھئي ڏينھن صبح جو ئي دائمي (تباھيءَ جو) عذاب مٿن اچي ڪڙڪيو.

فَذُوۡقُوۡا عَذَابِيۡ وَ نُذُرِ ﴿۳۹﴾

(٣٩) سو ھاڻي چکو منھنجي عذاب ۽ تبيھ جو مزو.

وَ لَقَدۡ يَسَّرۡنَا الۡقُرۡاٰنَ لِلذِّكۡرِ فَهَلۡ مِنۡ مُّدَّكِرٍ ﴿ع۴۰﴾

(٤٠) ۽ يقيناً اسان قرآن کي سمجھڻ لاءِ (۽ ان مان) نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ۽ سولو ڪري ڇڏيو آھي. پوءِ آھي ڪو جو نصيحت وٺي.

رڪوع 3

**فرعون ۽ سندس ماڻھن جي تباھي ۽ قريش کي تنبيھ**

وَ لَقَدۡ جَآءَ اٰلَ فِرۡعَوۡنَ النُّذُرُ ﴿ۚ۴۱﴾

(٤١) ۽ ھيءَ حيقت آھي تہ فرعون جي ماڻھن ڏي بہ خبردار ڪندڙ (پيغمبر) آيا.

كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا كُلِّهَا فَاَخَذۡنٰهُمۡ اَخۡذَ عَزِيۡزٍ مُّقۡتَدِرٍ ﴿۴۲﴾

(٤٢) پر ھنن اسان جي سڀني نشانين ۽ حڪمن کي ٺڪرائي ڇڏيو ۽ نہ مڃيو. سو اسان بہ ھنن کي اھڙي سخت پڪڙ ڪئي جھڙي زبردست قدرت وارو (الله) ڪندو آھي.

اَكُفَّارُكُمۡ خَيۡرٌ مِّنۡ اُولٰٓئِكُمۡ اَمۡ لَكُمۡ بَرَآءَةٌ فِي الزُّبُرِ ﴿ۚ۴۳﴾

(٤٣) (اي قريشو) توھان جا ڪافر انھن اڳين (ڪافرن) کان (طاقت، علم، ھنرن وغيره ۾) بھتر آھن ڇا؟ (جو پاڻ کي تباھيءَ کان بچائي سگھندا) يا (ھيئن آھي ڇا تہ) توھان جي لاءِ خدائي ڪتابن ۾ ڇوٽڪارو لکجي ويو آھي.

اَمۡ يَقُوۡلُوۡنَ نَحۡنُ جَمِيۡعٌ مُّنۡتَصِرٌ ﴿۴۴﴾

(٤٤) يا اھي (مڪي جا ڪافر) ھيئن ٿا چون ڇا تہ اسان وڏي جماعت آھيون ۽ پاڻ کي بچائي سگھنداسين. (نہ نہ!)

سَيُهۡزَمُ الۡجَمۡعُ وَ يُوَلُّوۡنَ الدُّبُرَ ﴿۴۵﴾

(٤٥) جلد ئي ھنن جي (وڏي) جماعت شڪست ڏيئي پڇائي ويندي، ۽ ھو پٺي ڏيئي ڀڄي ويندا (جيئن جلد بدر جي جنگ ۾ ٿيو).

بَلِ السَّاعَةُ مَوۡعِدُهُمۡ وَ السَّاعَةُ اَدۡهٰى وَ اَمَرُّ ﴿۴۶﴾

(٤٦) بلڪ (سندس تباھيءَ جي) گھڙي جنھن جو ڪين واعدو ڪيل آھي سا بہ مقرر ٿي ويئي آھي، ۽ اھا گھڙي تمام سخت عذاب واري ۽ سخت ڪوڙي ھوندي.

| | |
|---|---|
| اِنَّ الْمُجْرِمِيْنَ فِيْ ضَلٰلٍ وَّ سُعُرٍ ۟ | (٤٧) يقيناً (ظالم) گنهگار ماڻهو ئي پليل ۾ ديوانا آهن. |
| يَوْمَ يُسْحَبُوْنَ فِي النَّارِ عَلٰى وُجُوْهِهِمْ ؕ ذُوْقُوْا مَسَّ سَقَرَ ۟ | (٤٨) انهيءَ ڏينهن هنن کي باهه ۾ منهن ڀر گهليو ويندو (۽ کين چيو ويندو ته هاڻي) باهه جي پڪڙ جو مزو چکو. |
| اِنَّا كُلَّ شَيْءٍ خَلَقْنٰهُ بِقَدَرٍ ۟ | (٤٩) يقيناً اسان هرهڪ شيءِ کي اندازي ۾ مناسبت تي خلقيو آهي. |
| وَمَاۤ اَمْرُنَاۤ اِلَّا وَاحِدَةٌ كَلَمْحٍۭ بِالْبَصَرِ ۟ | (٥٠) ۽ اسان جو حڪم (۽ جهان جي هلائڻ جو هرهڪ ڪم) فقط هڪ هوندو آهي، جيئن اک جو ڇنڀڻ (هڪ ڏسڻ ۾ ايندو آهي). |
| وَلَقَدْ اَهْلَكْنَاۤ اَشْيَاعَكُمْ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ۟ | (٥١) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته، اسان اوهان جهڙا (ڪافر) ٽولا تباهه ڪري ڇڏيا، پوءِ آهي ڪو جو نصيحت (۽ عبرت) وٺي (۽ پاڻ سڌاري تباهيءَ کان بچي). |
| وَكُلُّ شَيْءٍ فَعَلُوْهُ فِي الزُّبُرِ ۟ | (٥٢) ۽ جيڪي جيڪي هو ڪن ٿا سو سڀ (اسان جي) ڪتابن ۾ (لکجي ويو) آهي. |
| وَكُلُّ صَغِيْرٍ وَّ كَبِيْرٍ مُّسْتَطَرٌ ۟ | (٥٣) ۽ هرهڪ ننڍي توڙي وڏي ڳالهه لکيل آهي. |
| اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّ نَهَرٍ ۟ | (٥٤) يقيناً پرهيزگار نيڪ ماڻهو باغن ۾ نهرن جي وچ ۾ هوندا. |
| فِيْ مَقْعَدِ صِدْقٍ عِنْدَ مَلِيْكٍ مُّقْتَدِرٍ ۟ | (٥٥) هو سچائيءَ واري مجلس ۾ ويهندا، انهيءَ الله وٽ ويندا جو وڏو شهنشاهه ۽ قادر مطلق آهي. |

**سورة الرحمٰن (مڪي ۽ مدني)**

| | |
|---|---|
| بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي. |

**رڪوع 1**

**توهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪري سگهندؤ**

| | |
|---|---|
| اَلرَّحْمٰنُ ۟ | (١) رحمان خدا (نهايت ئي ڪريم آهي). |
| عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ ۟ | (٢) (جنهن اسان کي) قرآن سيکاريو آهي. |
| خَلَقَ الْاِنْسَانَ ۟ | (٣) (جنهن) انسان کي پيدا ڪيو آهي. |
| عَلَّمَهُ الْبَيَانَ ۟ | (٤) (۽) کيس ڳالهائڻ سيکاريو آهي (۽ سمجهڻ سمجهائڻ جي طاقت ۽ عقل عطا ڪيو آهي.). |
| اَلشَّمْسُ وَالْقَمَرُ بِحُسْبَانٍ ۟ | (٥) (سندس پيدا ڪيل) سج ۽ چنڊ مقرر حساب (۽ قانون) سان گردش ڪري رهيا آهن. |
| وَّالنَّجْمُ وَالشَّجَرُ يَسْجُدٰنِ ۟ | (٦) ۽ ٻوٽا (گاهه، ڀاڄيون، وليون وغيره) ۽ وڻ ٽڻ سندس اڳيان سجدو ڪري رهيا آهن (يعني سندس قانونن تي هلي رهيا آهن). |

وَالسَّمَآءَ رَفَعَهَا وَوَضَعَ الْمِيْزَانَ ۙ﴿۷﴾

(۷) ۽ آسمان کي هن ئي بلند ڪيو آهي، ۽ (قانون عدل ۽ اعتدال جي) تارازي بيهاري اٿس.

اَلَّا تَطْغَوْا فِي الْمِيْزَانِ ﴿۸﴾

(۸) انهيءَ لاءِ ته توهان (انسان به سيني دنيائي معاملن ۾ قانون، عدل ۽ احسان جي) تارازيءَ کان ٻاهر نڪري نه وڃو.

وَاَقِيْمُوا الْوَزْنَ بِالْقِسْطِ وَلَا تُخْسِرُوا الْمِيْزَانَ ﴿۹﴾

(۹) ۽ (اي انسانو! هڪبئي سان هلت ڪرڻ ۾) عدل ۽ انصاف جو وزن قائم رکو، ۽ (عدل ۽ احسان جي) تارازيءَ ۾ گهٽتائي نه ڪيو.

وَالْاَرْضَ وَضَعَهَا لِلْاَنَامِ ۙ﴿۱۰﴾

(۱۰) ۽ زمين کي انهيءَ ئي (الله تعاليٰ) مخلوق (ماڻهن، مرن، پکين وغيره) لاءِ وڇائي ڇڏيو آهي.

فِيْهَا فَاكِهَةٌ ۙ وَّالنَّخْلُ ذَاتُ الْاَكْمَامِ ۖ﴿۱۱﴾

(۱۱) ان (زمين) ۾ (قسمين قسمين) ميوا آهن ۽ کجين جا وڻ آهن، جن جي خوشن (يعني ڪارڪن جي ڇڳن) تي غلاف چڙهيل آهن.

وَالْحَبُّ ذُو الْعَصْفِ وَالرَّيْحَانُ ۚ﴿۱۲﴾

(۱۲) ۽ (پڻ) اناج جون پوکون پنن ۽ ڪانن سميت آهن ۽ (پڻ) خوشبودار ٻوٽا آهن.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿۱۳﴾

(۱۳) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪري سگهندؤ؟

خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ صَلْصَالٍ كَالْفَخَّارِ ۙ﴿۱۴﴾

(۱٤) هن انسان کي آواز ڪندڙ متيءَ مان ڪنير وانگر ٺاهيو.

وَخَلَقَ الْجَآنَّ مِنْ مَّارِجٍ مِّنْ نَّارٍ ۚ﴿۱۵﴾

(۱۵) ۽ جنن کي بنا دونهي واري باهه مان پيدا ڪيو.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿۱۶﴾

(۱٦) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟

رَبُّ الْمَشْرِقَيْنِ وَرَبُّ الْمَغْرِبَيْنِ ۚ﴿۱۷﴾

(۱۷) هو ٻن مشرقن ۽ ٻن مغربن جو پرودگار آهي.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿۱۸﴾

(۱۸) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟

مَرَجَ الْبَحْرَيْنِ يَلْتَقِيٰنِ ۙ﴿۱۹﴾

(۱۹) هن ٻن (کاري ۽ مٺي) پاڻين کي اهڙيءَ طرح رکيو آهي جو پاڻ ۾ ملن به ٿا (۽)

بَيْنَهُمَا بَرْزَخٌ لَّا يَبْغِيٰنِ ۚ﴿۲۰﴾

(۲۰) سندن وچ ۾ ديوار (يا حد به) رکيل آهي، جنهن کان ٻاهر لنگهي نٿا سگهن.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿۲۱﴾

(۲۱) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟

يَخْرُجُ مِنْهُمَا اللُّؤْلُؤُ وَالْمَرْجَانُ ﴿٢٢﴾

(٢٢) انهن (پاڻين) مان موتي ۽ مرجان نڪرن ٿا.

فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ ﴿٢٣﴾

(٢٣) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟

وَلَهُ الْجَوَارِ الْمُنْشَآتُ فِي الْبَحْرِ كَالْأَعْلَامِ ﴿٢٤﴾

(٢٤) ۽ سمنڊ ۾ سولائيءَ سان هلندڙ جهاز، جيڪي جبلن وانگر ڪڙا ٿيل آهن سي به سندس ئي آهن.

فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ ﴿٢٥﴾

(٢٥) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟

رڪوع 2

**هر روز هر گهڙيءَ هو پنهنجو نئون شان ڏيکاري رهيو آهي.**

كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ ﴿٢٦﴾

(٢٦) جيڪي به زمين تي آهن سي سڀ فنا ٿي ويندا.

وَيَبْقَىٰ وَجْهُ رَبِّكَ ذُو الْجَلَالِ وَالْإِكْرَامِ ﴿٢٧﴾

(٢٧) ۽ فقط تنهنجي پروردگار جي هستي قائم رهندي جو وڏي شوڪت ۽ جلال وارو ۽ وڏي سخا ۽ شان وارو آهي.

فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ ﴿٢٨﴾

(٢٨) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندوَ؟

يَسْأَلُهُ مَنْ فِي السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ۚ كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِي شَأْنٍ ﴿٢٩﴾

(٢٩) جيڪي به آسمانن ۽ زمين ۾ آهن سي سڀ پنهنجين گهرجن لاءِ سندس محتاج آهن. هر روز (هر گهڙيءَ) هو (پنهنجو نئون نئون) شان ڏيکاري رهيو آهي (يعني نيون نيون حالتون پيدا ڪري رهيو آهي.)

فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ ﴿٣٠﴾

(٣٠) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟

سَنَفْرُغُ لَكُمْ أَيُّهَ الثَّقَلَانِ ﴿٣١﴾

(٣١) اي جنو ۽ انسانو، اسان جلد ئي توهان جو فيصلو ڪنداسين.

فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ ﴿٣٢﴾

(٣٢) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟

يَا مَعْشَرَ الْجِنِّ وَالْإِنْسِ إِنِ اسْتَطَعْتُمْ أَنْ تَنْفُذُوا مِنْ أَقْطَارِ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ فَانْفُذُوا ۚ لَا تَنْفُذُونَ إِلَّا بِسُلْطَانٍ ﴿٣٣﴾

(٣٣) اي جنن ۽ انسانن جا ٽولا! جيڪڏهن توهان ڪي آسمانن ۽ زمين جي ڪنارن کان ٻاهر نڪرڻ جي سگهه آهي ته ٻاهر ته ڏيکاريو. توهان (الله جي پرمٽ يا پاسن) حڪم ۽ اجازت کان سواءِ هرگز ڪونه ٻاهر نڪري سگهندؤ.

فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ ﴿٣٤﴾

(٣٤) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟

يُرْسَلُ عَلَيْكُمَا شُوَاظٌ مِنْ نَارٍ وَنُحَاسٌ فَلَا تَنْتَصِرَانِ ﴿٣٥﴾

(٣٥) توهان جي مٿان باهه جا شعلا ۽ دونهون موڪليو ويندو، پوءِ توهان (ان کان) ڪو به بچاءُ ڪونه ڪري سگهندؤ.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝٣٦

(٣٦) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟

فَاِذَا انْشَقَّتِ السَّمَآءُ فَكَانَتْ وَرْدَةً كَالدِّهَانِ ۝٣٧

(٣٧) پوءِ جڏهن آسمان ڦاٽي پوندو تڏهن چمڙي وانگر (يا مَلهَ وانگر) ڳاڙهو ٿي ويندو.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝٣٨

(٣٨) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟

فَيَوْمَئِذٍ لَّا يُسْـَٔلُ عَنْ ذَنْۢبِهٖٓ اِنْسٌ وَّلَا جَآنٌّ ۝٣٩

(٣٨) پوءِ انهيءَ ڏينهن ڪنهن بہ انسان ۽ جن کان سندس گناهن بابت پڇيو ئي ڪونہ ويندو. (ڇو تہ سندن گناهہ ظاهر هوندا).

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝٤٠

(٤٠) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟

يُعْرَفُ الْمُجْرِمُوْنَ بِسِيْمٰهُمْ فَيُؤْخَذُ بِالنَّوَاصِيْ وَالْاَقْدَامِ ۝٤١

(٤١) گنهگار ماڻهو سندن ظاهر نشانن مان سڃاتا ويندا ۽ پوءِ هنن کي پيشانيءَ جي وارن ۽ پيرن کان پڪڙيو ويندو.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝٤٢

(٤٢) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟

هٰذِهٖ جَهَنَّمُ الَّتِيْ يُكَذِّبُ بِهَا الْمُجْرِمُوْنَ ۝٤٣

(٤٣) اهو اٿوَ اهو جهنم جنهن کي گنهگار ڪونہ مڃيندا هئا (۽ چوندا هئا تہ اسان تي عذاب ايندو ئي ڪونہ نڪو اچڻو آهي).

يَطُوْفُوْنَ بَيْنَهَا وَبَيْنَ حَمِيْمٍ اٰنٍ ۝٤٤

(٤٤) اُهي (گنهگار) جهنم جي (باهہ جي) ۽ ٽهڪندڙ پاڻيءَ جي وچ ۾ چڪر ڏيندا رهندا.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝٤٥

(٤٥) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندوَ؟

رڪوع 3

**جنت جي نعمتن جو ڪجهہ ذڪر.**

وَلِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ ۝٤٦

(٤٦) جيڪي ماڻهو انهيءَ گهڙيءَ بابت ڊڄندا رهن ٿا جنهن گهڙيءَ پنهنجي پروردگار جي اڳيان ڪڙا ڪيا ويندا (۽ انهيءَ ڊڄڻ جي ڪري گناهن کان پرهيز ڪن ٿا ۽ نيڪ عمل ڪندا رهن ٿا) تن جي لاءِ بہ باغ هوندا.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝٤٧

(٤٧) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟

ذَوَاتَآ اَفْنَانٍ ۝٤٨

(٤٨) انهن ٻنهي باغن ۾ گهڻن ئي قسمن جون نعمتون هونديون.

| | |
|---|---|
| فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝۴۹ | (٤٩) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ |
| فِيْهِمَا عَيْنٰنِ تَجْرِيٰنِ ۝۵۰ | (٥٠) انهن ٻن باغن ۾ ٻه چشما وهندڙ هوندا. |
| فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝۵۱ | (٥١) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ |
| فِيْهِمَا مِنْ كُلِّ فَاكِهَةٍ زَوْجٰنِ ۝۵۲ | (٥٢) انهن باغن ۾ هر قسم جا ميوا جوڙين جوڙين ۾ هوندا. |
| فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝۵۳ | (٥٣) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ |
| مُتَّكِـــِٕيْنَ عَلٰي فُرُشٍۢ بَطَاۗىِٕنُهَا مِنْ اِسْتَبْرَقٍ ۭ وَجَنَا الْجَنَّتَيْنِ دَانٍ ۝۵۴ | (٥٤) اُهي (جنتي) اهڙن غاليچن تي ٽيڪ ڏيئي ويهندا جن جا استر قيمتي مخمل جا هوندا، ۽ انهن باغن جا ميوا جهڪيل ۽ ويجها هوندا (انهيءَ لاءِ ته انهن جي حاصل ڪرڻ ۾ ڪا به تڪليف نه ٿئي). |
| فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝۵۵ | (٥٥) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ |
| فِيْهِنَّ قٰصِرٰتُ الطَّرْفِ ۙ لَمْ يَطْمِثْهُنَّ اِنْسٌ قَبْلَهُمْ وَلَا جَاۗنٌّ ۝۵۶ | (٥٦) انهن (باغن) ۾ ڪنواريون پاڪ ڇوڪريون هونديون جن جون (شرميليون) اکيون هيٺ جهڪيل هونديون، جن کي ڪانئن اڳي ڪنهن به انسان يا جن ڇهيو ئي نه هوندو. |
| فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝۵۷ | (٥٧) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ |
| كَاَنَّهُنَّ الْيَاقُوْتُ وَالْمَرْجَانُ ۝۵۸ | (٥٨) اهي (ڪنواريون) اهڙيون هونديون جهڙا (چمڪندڙ) ياقوت ۽ مرجان (جا مڻيا). |
| فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝۵۹ | (٥٩) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ |
| هَلْ جَزَاۗءُ الْاِحْسَانِ اِلَّا الْاِحْسَانُ ۝۶۰ | (٦٠) نيڪيءَ جي بدلي ۾ چڱائيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه ملندو ڇا؟ (هرگز نه، چڱائيءَ جو نتيجو نيڪ چڱوئي ملندو). |
| فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝۶۱ | (٦١) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندوَ؟ |
| وَمِنْ دُوْنِهِمَا جَنَّتٰنِ ۝۶۲ | (٦٢) ۽ انهن ٻن باغن کان سواءِ ٻيا به ٻه باغ هوندا. |
| فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝۶۳ | (٦٣) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندوَ؟ |

| | |
|---|---|
| مُدْهَآمَّتٰنِ ۚ | (٦٤) اهي (ٻئي باغ) روز ساوا هوندا. |
| فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۚ | (٦٥) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ |
| فِيْهِمَا عَيْنٰنِ نَضَّاخَتٰنِ ۚ | (٦٦) انهن ۾ ٻه چشما گهڻي پاڻيءَ وارا اڇلون ڏيئي وهندڙ هوندا. |
| فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۚ | (٦٧) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ |
| فِيْهِمَا فَاكِهَةٌ وَّنَخْلٌ وَّرُمَّانٌ ۚ | (٦٨) انهن ٻن (باغن) ۾ قسمين قسمين ميوا هوندا ۽ کجين (جا ڏوڪا) ۽ ڏاڙهون به هوندا. |
| فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۚ | (٦٩) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ |
| فِيْهِنَّ خَيْرٰتٌ حِسَانٌ ۚ | (٧٠) انهن ۾ نيڪ، پاڪ ۽ سهڻا ساٿي هوندا). |
| فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۚ | (٧١) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ |
| حُوْرٌ مَّقْصُوْرٰتٌ فِي الْخِيَامِ ۚ | (٧٢) اهي اهڙيون حورون عاليشان تنبن ۾ هونديون جن جون نظرون (شرم ۽ حياء جي ڪري) هيٺ ڪتل هونديون. |
| فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۚ | (٧٣) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ |
| لَمْ يَطْمِثْهُنَّ اِنْسٌ قَبْلَهُمْ وَلَا جَآنٌّ ۚ | (٧٤) انهن کي ڪائنڻ اڳي ڪنهن به انسان يا جن ڇهيو ئي ڪونه هوندو. |
| فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۚ | (٧٥) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ |
| مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى رَفْرَفٍ خُضْرٍ وَّعَبْقَرِيٍّ حِسَانٍ ۚ | (٧٦) اهي (جنتي) سبز ڪوچن تي ۽ سهڻن غاليچن تي ٽيڪ ڏيئي ويٺل هوندا. |
| فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۚ | (٧٧) پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪري سگهندؤ؟ |
| تَبٰرَكَ اسْمُ رَبِّكَ ذِي الْجَلٰلِ وَالْاِكْرَامِ ۚ | (٧٨) (اي پيغمبر!) تنهنجي پروردگار جو نالو وڏين برڪتن وارو آهي. هو اعليٰ شوڪت وارو، وڏي شان ۽ سخا جو صاحب آهي. |

## سورة الواقعہ – مکي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع 1

**قيامت جو اچڻ ۽ نيڪن جون بهشت ۾ نعمتون.**

اِذَا وَقَعَتِ الْوَاقِعَةُ ۝١

(١) جڏهن اهو واقعو ٿيندو ۽ ظهور ۾ ايندو.

لَيْسَ لِوَقْعَتِهَا كَاذِبَةٌ ۝٢

(٢) تڏهن ان جي ٿيڻ کي ڪوبہ ڪوڙو نهرائي نہ سگهندو. (يعني ان وقت ڪنهن کي بہ شڪ نہ رهندو ۽ هرڪو چوندو تہ برابر هي اهو واقعو آهي جنهن بابت رسول ﷺ اڳ ئي خبردار ڪري ڇڏيو هو).

خَافِضَةٌ رَّافِعَةٌ ۝٣

(٣) اهو واقعو ڪن کي (يعني بدڪارن کي) ذليل ڪري ڇڏيندو ۽ ڪن کي (يعني صالحين کي) بلند (۽ غالب) ڪري ڇڏيندو.

اِذَا رُجَّتِ الْاَرْضُ رَجًّا ۝٤

(٤) جڏهن زمين کي وڏي زور وارو زلزلو ايندو.

وَّبُسَّتِ الْجِبَالُ بَسًّا ۝٥

(٥) ۽ جبل ذرا ذرا ٿي ويندا.

فَكَانَتْ هَبَآءً مُّنْۢبَثًّا ۝٦

(٦) ۽ پکيڙيل اڏامندڙ رئي ٿي پوندا.

وَّكُنْتُمْ اَزْوَاجًا ثَلٰثَةً ۝٧

(٧) تڏهن توهان ٽن ٽولن ۾ ورهائجي ويندؤ.

فَاَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ ۙ مَآ اَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ ۝٨

(٨) (هڪڙو ٽولو هوندو) ساڄي هٿ وارا سنگتي. (خبر اٿوَ تہ) ساڄي هٿ وارا سنگتي ڪهڙا هوندا؟ (وڏين نعمتن سان مالا مال هوندا).

وَاَصْحٰبُ الْمَشْئَمَةِ ۙ مَآ اَصْحٰبُ الْمَشْئَمَةِ ۝٩

(٩) (ٻيو ٽولو هوندو) کاٻي هٿ وارا سنگتي (خبر اٿوَ تہ) کاٻي هٿ وارا سنگتي ڪهڙا هوندا؟ (سندن حالت ڏاڍي بري هوندي).

وَالسّٰبِقُوْنَ السّٰبِقُوْنَ ۝١٠

(١٠) (ٽيون ٽولو ايمان ۽ نيڪ عمل ۾) سيني کان اڳي ۽ سيني کان گوءِ کٽڻ وارا (آخرت جي نعمتن ۽ مرتبي ۾ بہ) سيني کان اول درجي ۾ هوندا.

اُولٰٓئِكَ الْمُقَرَّبُوْنَ ۝١١

(١١) اهي ئي (خدا کي) بلڪل ويجهو هوندا.

فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ۝١٢

(١٢) (۽) اهي نعمتن سان ڀريل باغن ۾ هوندا.

ثُلَّةٌ مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ ۝١٣

(١٣) ڦهرين مان گهڻائي (انهيءَ ٽولي ۾ هوندا).

وَقَلِيْلٌ مِّنَ الْاٰخِرِيْنَ ۝١٤

(١٤) ۽ پوين مان بہ ٿورا (انهيءَ ٽولي ۾ هوندا).

عَلٰى سُرُرٍ مَّوْضُوْنَةٍ ۝١٥

(١٥) (انهيءَ ٽئين ٽولي وارا مقربون) جڙاودار تختن تي ويهندا.

مُّتَّكِـِٕيْنَ عَلَيْهَا مُتَقٰبِلِيْنَ ۝١٦

(١٦) انهن تي هڪٻئي جي سامهون ٽيڪ ڏيئي ويهندا.

يَطُوْفُ عَلَيْهِمْ وِلْدَانٌ مُّخَلَّدُوْنَ ۝١٧

(١٧) سندن چوڌاري دائمي جوانيءَ وارا ڇوڪرا (خدمت ڪندي) ڦرندا رهندا.

| | |
|---|---|
| بِاَكْوَابٍ وَّ اَبَارِيْقَ ۙ وَ كَاْسٍ مِّنْ مَّعِيْنٍ ۙ ﴿۱۸﴾ | (١٨) جڳن، ڪوپن ۽ صاف شربتن جي پيالن سان (سندن چوڌاري ڦرندا وتندا). |
| لَّا يُصَدَّعُوْنَ عَنْهَا وَ لَا يُنْزِفُوْنَ ۙ ﴿۱۹﴾ | (١٩) (اهي شربت اهڙا هوندا جو انهن جي پيئڻ سان) نڪي (پوءِ) هنن کي ڪو متي ۾ سور پوندو، نڪي کين ڪو نشو ٿيندو. |
| وَ فَاكِهَةٍ مِّمَّا يَتَخَيَّرُوْنَ ۙ ﴿۲۰﴾ | (٢٠) ۽ (اهي ڇوڪرا) اهڙن ميون سان (ڦرندا رهندا) جن کي اهي (مقربون) پسند ڪندا. |
| وَ لَحْمِ طَيْرٍ مِّمَّا يَشْتَهُوْنَ ؕ ﴿۲۱﴾ | (٢١) ۽ اهڙن پکين جي گوشت سان جي هو چاهيندا. |
| وَ حُوْرٌ عِيْنٌ ۙ ﴿۲۲﴾ | (٢٢) ۽ (بهشت ۾ هنن لاءِ) وڏين چلڪندڙ اکين واريون حورون هونديون. |
| كَاَمْثَالِ اللُّؤْلُؤِ الْمَكْنُوْنِ ۚ ﴿۲۳﴾ | (٢٣) جيڪي محفوظ رکيل موتين جي مثال هونديون. |
| جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۲۴﴾ | (٢٤) (اهي سڀ نعمتون) انهن نيڪ عملن جي بدلي ۾ کين ملنديون جي هنن اڳي ڪيا هئا. |
| لَا يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا وَّ لَا تَاْثِيْمًا ۙ ﴿۲۵﴾ | (٢٥) ان (بهشت) ۾ نڪي هو ڪي واهيات ڳالهيون ٻڌندا، نڪي ڪي گناهه جون ڳالهيون سندن ڪنن تي پونديون. |
| اِلَّا قِيْلًا سَلٰمًا سَلٰمًا ﴿۲۶﴾ | (٢٦) فقط (هن قسم جا الفاظ) چوندي ٻڌندا ته، سلام، سلام. |
| وَ اَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ ۙ۬ مَاۤ اَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ ؕ ﴿۲۷﴾ | (٢٧) ۽ هاڻي بيان ڪيون ٿا) ساڄي هٿ وارن سنگتين (جي نعمتن) جو (خبر اٿوَ ته) ساڄي هٿ وارا سنگتي ڪهڙا هوندا؟ |
| فِيْ سِدْرٍ مَّخْضُوْدٍ ۙ ﴿۲۸﴾ | (٢٨) اهي اهڙن (هڪ قسم جي) ميويدار وڻن ۾ هوندا جن کي ڪنڊو ئي ڪونه هوندو. |
| وَّ طَلْحٍ مَّنْضُوْدٍ ۙ ﴿۲۹﴾ | (٢٩) ۽ طلح جي وڻن ۾ هوندا جن جا گل يا ميوا هڪ ٻئي مٿان تهن ۾ هوندا. |
| وَّ ظِلٍّ مَّمْدُوْدٍ ۙ ﴿۳۰﴾ | (٣٠) ۽ (اهي ساڄي هٿ وارا سنگتي) ڊگهي ڊگهي ڇانوَ ۾ ويهندا. |
| وَّ مَآءٍ مَّسْكُوْبٍ ۙ ﴿۳۱﴾ | (٣١) ۽ اهڙي پاڻيءَ جي پرسان جو دائما وهندڙ هوندو. |
| وَّ فَاكِهَةٍ كَثِيْرَةٍ ۙ ﴿۳۲﴾ | (٣٢) ۽ هو بي انداز ميون جي وچ ۾ رهندا. |
| لَّا مَقْطُوْعَةٍ وَّ لَا مَمْنُوْعَةٍ ۙ ﴿۳۳﴾ | (٣٣) جن جي نڪي موسم ڪٽندي، نڪي انهن جي ڪائڻ ڪان ڪا منع هوندي. |
| وَّ فُرُشٍ مَّرْفُوْعَةٍ ؕ ﴿۳۴﴾ | (٣٤) ۽ هو (شاندار) مٿي رکيل تختن (يا ڪوچن) تي ويهندا. |
| اِنَّاۤ اَنْشَاْنٰهُنَّ اِنْشَآءً ۙ ﴿۳۵﴾ | (٣٥) اسان (هنن جي سنگتين حورن کي) هڪ خاص طريقي سان بنايو آهي. |
| فَجَعَلْنٰهُنَّ اَبْكَارًا ۙ ﴿۳۶﴾ | (٣٦) ۽ هنن کي پاڪ ڪنواريون بنايو اٿئون. |
| عُرُبًا اَتْرَابًا ۙ ﴿۳۷﴾ | (٣٧) ۽ (۽ هنن کي) پيار پريون هڪ جيڏيون بنايو اٿئون. (ڪنهن جي لاءِ؟) |

| | |
|---|---|
| لِّاَصْحٰبِ الْيَمِيْنِ ۟﴿٣٨﴾ | (٣٨) ساڄي هٿ جي سنگتين لاءِ. |
| | رڪوع 2 <br> **ڪابي هٿ وارن بدڪارن جي بري حالت ٿيندي.** |
| ثُلَّةٌ مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ ۙ﴿٣٩﴾ | (٣٩) پهرين مان گهڻائي (انهيءَ ٽولي ۾ هوندا). |
| وَثُلَّةٌ مِّنَ الْاٰخِرِيْنَ ۭ﴿٤٠﴾ | (٤٠) ۽ پوئين مان بہ گهڻائي (انهيءَ ٽولي ۾ هوندا). |
| وَاَصْحٰبُ الشِّمَالِ ۥ مَآ اَصْحٰبُ الشِّمَالِ ۭ﴿٤١﴾ | (٤١) ۽ (هاڻي) ڪابي هٿ جي سنگتين جو (بيان ٿا ڪيون، خبر اٿوَ تہ) ڪابي هٿ جا سنگتي ڪهڙي بريءَ حالت ۾ هوندا. |
| فِيْ سَمُوْمٍ وَّحَمِيْمٍ ۙ﴿٤٢﴾ | (٤٢) هو ساڙيندڙ (زهري) هوا ۽ ٽهڪندڙ پاڻيءَ ۾ هوندا. |
| وَّظِلٍّ مِّنْ يَّحْمُوْمٍ ۙ﴿٤٣﴾ | (٤٣) ۽ ڪاري دونهي جي پاڇي ۾ هوندا. |
| لَّا بَارِدٍ وَّلَا كَرِيْمٍ ﴿٤٤﴾ | (٤٤) جو نڪي ٿڌو هوندو، نڪي فرحت ڏيندڙ هوندو. |
| اِنَّهُمْ كَانُوْا قَبْلَ ذٰلِكَ مُتْرَفِيْنَ ۚ﴿٤٥﴾ | (٤٥) (جو تہ اهي ظالم سرمائيدار) هن کان اڳي دولت ۽ عيش عشرت ۾ غلطان رهندا هئا. |
| وَكَانُوْا يُصِرُّوْنَ عَلَى الْحِنْثِ الْعَظِيْمِ ۚ﴿٤٦﴾ | (٤٦) ۽ وڏي ظلم ۽ گنهگاريءَ ۾ ضد ڪري بيهندا هئا. |
| وَكَانُوْا يَقُوْلُوْنَ ۥ اَىِٕذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّعِظَامًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ ۙ﴿٤٧﴾ | (٤٧) ۽ چوندا هئا تہ ڇا جڏهن اسان مري وينداسين ۽ مٽيءَ ۾ هڏيون ٿي وينداسين تڏهن وري جيئرا ڪري اٿاريا وينداسين؟ |
| اَوَاٰبَاۗؤُنَا الْاَوَّلُوْنَ ﴿٤٨﴾ | (٤٨) ۽ ڇا اسان جي اڳوڻن ابن ڏاڏن کي بہ (جيئرو ڪري اٿاريو ويندو؟) |
| قُلْ اِنَّ الْاَوَّلِيْنَ وَالْاٰخِرِيْنَ ۙ﴿٤٩﴾ | (٤٩) (اي پيغمبر تون کين) چئو تہ، هائو يقيناً اڳوڻن توڙي پوئين (سيني) کي جيئرو ڪري اٿاريو ويندو. |
| لَمَجْمُوْعُوْنَ ۥ اِلٰى مِيْقَاتِ يَوْمٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿٥٠﴾ | (٥٠) سڀ ماڻهو مقرر ڏينهن جي مقرر وقت تي گڏ ڪيا ويندا. |
| ثُمَّ اِنَّكُمْ اَيُّهَا الضَّاۗلُّوْنَ الْمُكَذِّبُوْنَ ۙ﴿٥١﴾ | (٥١) پوءِ اي گمراهہ انسانو! حق کي ڪوڙو ٺهرائيندڙ انسانو! |
| لَاٰكِلُوْنَ مِنْ شَجَرٍ مِّنْ زَقُّوْمٍ ۙ﴿٥٢﴾ | (٥٢) توهان يقيناً ضرور زقوم جي وڻ مان (پن پاڙون وغيره) کائيندو. |
| فَمَالِــُٔوْنَ مِنْهَا الْبُطُوْنَ ۚ﴿٥٣﴾ | (٥٣) ۽ پوءِ انهن سان پنهنجا پيٽ ڀريندو. |
| فَشٰرِبُوْنَ عَلَيْهِ مِنَ الْحَمِيْمِ ۚ﴿٥٤﴾ | (٥٤) ۽ پوءِ ان جي مٿان ٽهڪندڙ پاڻي پيئندو. |
| فَشٰرِبُوْنَ شُرْبَ الْهِيْمِ ۭ﴿٥٥﴾ | (٥٥) ۽ اهڙيءَ طرح (گهڻو مقدار) پيئندو جهڙيءَ طرح سخت اڃايل اُٺ پيئندو آهي. |
| هٰذَا نُزُلُهُمْ يَوْمَ الدِّيْنِ ۭ﴿٥٦﴾ | (٥٦) بدلي ملڻ واري ڏينهن اها ٿيندي سندن مهماني. |

نَحْنُ خَلَقْنٰكُمْ فَلَوْلَا تُصَدِّقُوْنَ ﴿۵۷﴾

(٥٧) (اي انسانو! چو نٿا سمجهو) اسان ئي تہ اوهان کي خلقيو اهي. پوءِ توهان چو نٿا حق کي سمجهو؟

اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تُمْنُوْنَ ﴿۵۸﴾

(٥٨) توهان کو انهيءَ تي غور ڪيو ٿا جيڪي توهان منيءَ جي صورت ۾ ٻاهر ڪيو ٿا؟ (۽ جنهن مان اولاد پيدا ٿئي ٿو؟)

ءَاَنْتُمْ تَخْلُقُوْنَهٗٓ اَمْ نَحْنُ الْخٰلِقُوْنَ ﴿۵۹﴾

(٥٩) ڇا توهان ٿا انهيءَ منيءَ کي خلقيو يا اسان ان کي خلقيندڙ آهيون؟

نَحْنُ قَدَّرْنَا بَيْنَكُمُ الْمَوْتَ وَمَا نَحْنُ بِمَسْبُوْقِيْنَ ﴿۶۰﴾

(٦٠) اسان توهان سڀني جي لاءِ موت ٺهرائي ڇڏيو آهي، ۽ اسان کي ڪوبہ روڪي نٿو سگهي (هن ڳالهہ کان تہ)،

عَلٰٓى اَنْ نُّبَدِّلَ اَمْثَالَكُمْ وَنُنْشِئَكُمْ فِيْ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۶۱﴾

(٦١) اسان توهان جون شڪليون (يا حالتون) بدلائي ڇڏيون ۽ اوهان کي اهڙيءَ حالت ۾ آڻيون جنهن جي توهان کي خبر ئي ڪانهي.

وَلَقَدْ عَلِمْتُمُ النَّشْاَةَ الْاُوْلٰى فَلَوْلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿۶۲﴾

(٦٢) يقيناً توهان کي پهرئين حالت جي خبر آهي (تہ اسان توهان کي ڇا مان ڇا بڻايو)، پوءِ ڇو نہ ٿا سوچيو ۽ سمجهو؟

اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تَحْرُثُوْنَ ﴿۶۳﴾

(٦٣) وري توهان انهيءَ ٻج تي غور ڪيو آهي جو توهان پوکيندا آهيو؟

ءَاَنْتُمْ تَزْرَعُوْنَهٗٓ اَمْ نَحْنُ الزّٰرِعُوْنَ ﴿۶۴﴾

(٦٤) ڇا اهو توهان ٿا ڄمايو ۽ وڌايو يا اسان ئي ان کي ڄمائيندڙ ۽ وڌائيندڙ آهيون؟

لَوْ نَشَآءُ لَجَعَلْنٰهُ حُطٰمًا فَظَلْتُمْ تَفَكَّهُوْنَ ﴿۶۵﴾

(٦٥) جيڪڏهن اسان چاهيون تہ ان (کيتيءَ کي چورو ڪري ڇڏيون ۽ پوءِ توهان حيران ۽ پريشان ٿي وڃو (۽ چوڻ لڳو تہ هاءِ هاءِ!)

اِنَّا لَمُغْرَمُوْنَ ﴿۶۶﴾

(٦٦) هاڻي تہ اسان قرض ۾ پئجي ويندا سين.

بَلْ نَحْنُ مَحْرُوْمُوْنَ ﴿۶۷﴾

(٦٧) بلڪ بلڪل محروم (نادار ۽ سڃا) رهجي ويندا سين.

اَفَرَءَيْتُمُ الْمَآءَ الَّذِيْ تَشْرَبُوْنَ ﴿۶۸﴾

(٦٨) وري توهان انهيءَ پاڻيءَ تي غور ڪيو آهيو جو توهان پيئندا آهيو؟

ءَاَنْتُمْ اَنْزَلْتُمُوْهُ مِنَ الْمُزْنِ اَمْ نَحْنُ الْمُنْزِلُوْنَ ﴿۶۹﴾

(٦٩) ڇا توهان ٿا ان کي ڪڪرن مان هيٺ آڻيو يا اسان ئي ان کي هيٺ آڻيندڙ آهيون؟

لَوْ نَشَآءُ جَعَلْنٰهُ اُجَاجًا فَلَوْلَا تَشْكُرُوْنَ ﴿۷۰﴾

(٧٠) جيڪڏهن اسان چاهيون تہ ان کي کارو ڪري ڇڏيون (۽ توهان مصيبت ۾ پئجي وڃو. اسان تہ توهان کي مٺو پاڻي ٿا ڏيون) پوءِ ڇو نٿا خدائي نعمتن جو قدر ڪيو؟ (۽ سندس قانونن ۽ حڪمن تي عمل ڪري پنهنجو ڀلو ڪيو؟)

اَفَرَءَيْتُمُ النَّارَ الَّتِيْ تُوْرُوْنَ ﴿۷۱﴾

(٧١) وري توهان انهيءَ باهہ تي غور ڪيو آهي جا توهان ٻاريندا آهيو؟

ءَاَنْتُمْ اَنْشَاْتُمْ شَجَرَتَهَآ اَمْ نَحْنُ الْمُنْشِـُٔوْنَ ﴿۷۲﴾

(٧٢) ڇا توهان ان (باهہ) جي (ٻارڻ وارن) وڻن کي ڄمائيندا آهيو يا اسان ئي ڄمائيندڙ آهيون؟

نَحۡنُ جَعَلۡنٰهَا تَذۡكِرَةً وَّمَتَاعًا لِّلۡمُقۡوِيۡنَ ۚ﴿۷۳﴾

(٧٣) اسان ان کي عبرت وٺڻ جي نشاني بڻايو آهي ۽ پڻ بيابانن ۾ رهندڙن لاءِ وڏي سهوليت واري شيءِ بڻايو آهي.

فَسَبِّحۡ بِاسۡمِ رَبِّكَ الۡعَظِيۡمِ ﴿۷۴﴾

(٧٤) سو (اي پيغمبر!) پنهنجي اعليٰ ۽ عظيم پروردگار جي نالي جي پاڪائي ۽ شان بيان ڪندو رهه (۽ سندس راهه ۾ ۽ دين قائم ڪرڻ ۾ بي انتها ڪوشش ڪندو رهه).

رڪوع 3

قرآن مجيد جو شان. ان تي عمل ڪندڙ ڪامياب رهندا ۽ ان جي ابتڙ عمل ڪندڙ برباد ٿيندا.

فَلَاۤ اُقۡسِمُ بِمَوٰقِعِ النُّجُوۡمِ ۙ﴿۷۵﴾

(٧٥) ان ڪان سواءِ مان تارن جي لهڻ جي شاهدي پيش ٿو ڪيان. (يا تارن جي منزلن جي شاهدي پيش ٿو ڪيان).

وَاِنَّهٗ لَقَسَمٌ لَّوۡ تَعۡلَمُوۡنَ عَظِيۡمٌ ۙ﴿۷۶﴾

(٧٦) ۽ جيڪڏهن توهان ڄاڻو ۽ سمجهو ته هيءَ يقيناً وڏي زبردست ثابتي ۽ شاهدي آهي.

اِنَّهٗ لَقُرۡاٰنٌ كَرِيۡمٌ ۙ﴿۷۷﴾

(٧٧) هن ڳالهه جي ته يقيناً قرآن مجيد بيشڪ وڏي شان وارو آهي.

فِىۡ كِتٰبٍ مَّكۡنُوۡنٍ ۙ﴿۷۸﴾

(٧٨) جو هڪ محفوظ رکيل ڪتاب ۾ آهي.

لَّا يَمَسُّهٗۤ اِلَّا الۡمُطَهَّرُوۡنَ ؕ﴿۷۹﴾

(٧٩) جنهن کي پاڪ (فرشتن) کان سواءِ ڪوبه ڪونه ٿو ڇهي (يعني ڪوبه ان جي آيتن ۽ حڪمن ۾ ڦيرڦار ڪري نٿو سگهي.)

تَنۡزِيۡلٌ مِّنۡ رَّبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۸۰﴾

(٨٠) اهو قرآن سڀ جهان جي پروردگار وٽان نازل ٿيل آهي.

اَفَبِهٰذَا الۡحَدِيۡثِ اَنۡتُمۡ مُّدۡهِنُوۡنَ ۙ﴿۸۱﴾

(٨١) پوءِ ڇا توهان هن (عاليشان) پيغام کي تڇ ڪري ٿا سمجهو؟ (۽ ان جو قدر نٿا ڪيو؟ يعني فائدن حاصل ڪرڻ ۾ سستي ڪريو ٿا؟)

وَتَجۡعَلُوۡنَ رِزۡقَكُمۡ اَنَّكُمۡ تُكَذِّبُوۡنَ ﴿۸۲﴾

(٨٢) ۽ توهان ان کي ڪوڙ ٺهرائي رد ڪرڻ کي پنهنجي گذران جو وسيلو بڻايو آهي ڇا(؟)

فَلَوۡلَاۤ اِذَا بَلَغَتِ الۡحُـلۡقُوۡمَ ۙ﴿۸۳﴾

(٨٣) (جيڪڏهن توهان ڪافرن کي خدا جي مخالفت ڪرڻ جي ڪا طاقت آهي ته) پوءِ ڇو نٿا (توهان پنهنجي طاقت ڏيکاريو) جڏهن (ڪنهن ماڻهوءَ جو روح مرڻ وقت) نڙيءَ تائين پهچي ٿو وڃي.

وَاَنۡتُمۡ حِيۡنَئِذٍ تَنۡظُرُوۡنَ ۙ﴿۸۴﴾

(٨٤) ۽ توهان انهيءَ وقت رڳو ويٺا ڏسندا آهيو.

وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡكُمۡ وَلٰـكِنۡ لَّا تُبۡصِرُوۡنَ ﴿۸۵﴾

(٨٥) ۽ اسان ته ان کي اوهان کان وڌيڪ ويجها آهيون، پر توهان ڪونه ٿا ڏسو.

فَلَوۡلَاۤ اِنۡ كُنۡتُمۡ غَيۡرَ مَدِيۡنِيۡنَ ۙ﴿۸۶﴾

(٨٦) پوءِ جيڪڏهن توهان (خدا جي) اختيار هيٺ نه آهيو (۽ ايندڙ حساب ڪتاب کان آزاد آهيو) ته پوءِ ڇو نٿا،

تَرۡجِعُوۡنَهَاۤ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿۸۷﴾

(٨٧) انهيءَ (روح) کي (جسم ڏانهن) موٽايو (۽ مرڻ کان بچايو)

جيڪڏهن توهان (پنهنجي هن دعويٰ ۾) سچا آهيو (تہ توهان تي ڪنهن جو بہ اختيار ڪونهي).

فَاَمَّآ اِنْ كَانَ مِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ﴿٨٨﴾

(٨٨) پوءِ جيڪڏهن اهو (مرندڙ ماڻهو) (خدا ڪي) ويجهو ٿيلن (وڏن بزرگن) مان آهي،

فَرَوْحٌ وَّ رَيْحَانٌ ۙ وَّ جَنَّتُ نَعِيْمٍ ﴿٨٩﴾

(٨٩) تہ پوءِ (هن لاءِ) آرام، خوشبوءِ نعمتن سان ڀريل باغ هوندو.

وَ اَمَّآ اِنْ كَانَ مِنْ اَصْحٰبِ الْيَمِيْنِ ﴿٩٠﴾

(٩٠) ۽ جيڪڏهن ساڄي هٿ وارن سنگتين منجهان هوندو.

فَسَلٰمٌ لَّكَ مِنْ اَصْحٰبِ الْيَمِيْنِ ﴿٩١﴾

(٩١) تہ پوءِ ساڄي هٿ وارا سنگتي هن کي سلام ڪندا ۽ چوندا تہ، توتي سلامتي هجي.

وَ اَمَّآ اِنْ كَانَ مِنَ الْمُكَذِّبِيْنَ الضَّآلِّيْنَ ﴿٩٢﴾

(٩٢) ۽ جيڪڏهن هو (حق کي) ڪوڙو ٺهرائيندڙ گمراهہ ماڻهن منجهان آهي

فَنُزُلٌ مِّنْ حَمِيْمٍ ﴿٩٣﴾

(٩٣) تہ پوءِ (هن کي) ٽهڪندڙ پاڻيءَ جي مهماني ملندي.

وَّ تَصْلِيَةُ جَحِيْمٍ ﴿٩٤﴾

(٩٤) ۽ دوزخ جي باهہ ۾ سڙندو.

اِنَّ هٰذَا لَهُوَ حَقُّ الْيَقِيْنِ ﴿٩٥﴾

(٩٥) بيشڪ هيءَ ڳالهہ يقيناً حق آهي.

فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ ﴿٩٦﴾

(٩٦) سو (اي منهنجا پيغمبر!) پنهنجي اعليٰ ۽ عظيم پروردگار جي نالي جو شان ۽ پاڪائي بيان ڪندو رهہ (۽ سندس راهہ ۾ ۽ سندس دين قائم ڪرڻ ۾ هر طرح ڪوشش ڪندو رهہ).

## سورة الحديد — مدني

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**خدا جي ڏنل رزق مان خدا جي راهہ ۾ چوٽ خرچ ڪرڻ گهرجي.**

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۚ وَ هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١﴾

(١) آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي بہ مخلوق آهن، سي سڀ الله تعاليٰ جو شان ۽ پاڪائي ظاهر ڪري رهيا آهن ۽ هو هر شيءِ تي غالب ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۚ يُحْيٖ وَ يُمِيْتُ ۚ وَ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢﴾

(٢) آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي سندس ئي آهي، هوئي جيئاري ٿو ۽ هو ئي ماري ٿو ۽ هر شيءِ تي قادر آهي (۽ سڀ ڪجهہ ڪري سگهي ٿو).

هُوَ الْاَوَّلُ وَ الْاٰخِرُ وَ الظَّاهِرُ وَ الْبَاطِنُ ۚ وَ هُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٣﴾

(٣) هوئي اول ۽ آخر آهي (يعني اصل کان آهي ۽ هميشہ هوندو) ۽ هوئي ظاهر بہ آهي ۽ باطن بہ. ۽ هو هرهڪ شيءِ جو علم رکي ٿو.

هُوَ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ

(٤) اهوئي آهي جنهن ڇهن ايامن ۾ آسمانن ۽ زمين کي خلقيو، پوءِ بہ پنهنجي بادشاهيءَ جي تخت تي محڪم رهيو (يعني هوئي دنيا کي

اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ ۚ يَعْلَمُ مَا يَلِجُ فِى الْاَرْضِ وَمَا يَخْرُجُ مِنْهَا وَمَا يَنْزِلُ مِنَ السَّمَآءِ وَمَا يَعْرُجُ فِيْهَا ۚ وَهُوَ مَعَكُمْ اَيْنَ مَا كُنْتُمْ ۚ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ۝٤

هلائيندو رهي ٿو) جيڪي به زمين ۾ داخل ٿو ٿئي ۽ جيڪي به ان مان ٻاهر ٿو نڪري سو سڀ هو ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي به آسمان مان هيٺ اچي ٿو ۽ جيڪي به ان ۾ چڙهي وڃي ٿو سو به سڀ ڄاڻي ٿو. ۽ توهان (انسان) جتي به هجو تتي توهان سان گڏ آهي. ۽ توهان جيڪي به عمل ڪيو ٿا سي سڀ هو ڏسي ٿو.

لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ۝٥

(٥) آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي سندس ئي آهي ۽ سڀ ڪم الله ڏي موٽن ٿا (يعني سڀ فيصلا آخر الله تعاليٰ ڪري ٿو).

يُوْلِجُ الَّيْلَ فِى النَّهَارِ وَيُوْلِجُ النَّهَارَ فِى الَّيْلِ ۚ وَهُوَ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ۝٦

(٦) هوئي رات کي ڏينهن ۾ ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ٿو ڪري ۽ هو دلين جا سڀ راز ۽ ڳجهه ڄاڻندڙ آهي.

اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَاَنْفِقُوْا مِمَّا جَعَلَكُمْ مُّسْتَخْلَفِيْنَ فِيْهِ ۚ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ وَاَنْفَقُوْا لَهُمْ اَجْرٌ كَبِيْرٌ ۝٧

(٧) (سو) الله ۽ سندس رسول ۾ ايمان آڻيو. ۽ جن شين جو اوهان کي وارث ڪيو اٿس تن مان (خدا جي راهه ۾) خرچ ڪيو. پوءِ اوهان مان جيڪي ايمان ٿا آڻين ۽ (خدا جي راهه ۾) خرچ ٿا ڪن تن لاءِ وڏو اجر آهي (۽ ڪين دنيا ۽ آخرت ۾ وڏيون نعمتون ملنديون.

وَمَا لَكُمْ لَا تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ۚ وَالرَّسُوْلُ يَدْعُوْكُمْ لِتُؤْمِنُوْا بِرَبِّكُمْ وَقَدْ اَخَذَ مِيْثَاقَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۝٨

(٨) ۽ اوهان کي ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو جو توهان الله ۾ ايمان نه آڻيو؟ ۽ هي رسول (حضرت محمدﷺ) اوهان کي هن ڳالهه ڏي سڏي رهيو آهي ته. توهان پنهنجي پروردگار تي ايمان آڻيو (جو توهان جي پرورش ٿو ڪري ۽ توهان کي رزق ٿو ڏئي. مٿس ايمان رکي خدا جي راهه ۾ خرچ ڪندؤ ته هو اوهان کي ڏهوٽيون نعمتون ڏيندو) ۽ (يا رکو ته) هن اوهان کان (اهڙو) عهد اقرار وٺي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن توهان (سچ پچ) ايمان وارا آهيو.

هُوَ الَّذِيْ يُنَزِّلُ عَلٰى عَبْدِهٖۤ اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ لِّيُخْرِجَكُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۚ وَاِنَّ اللّٰهَ بِكُمْ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ۝٩

(٩) اهوئي آهي جو پنهنجي ٻانهي (حضرت محمدﷺ) ڏي چٽيون آيتون ۽ حڪم موڪلي ٿو انهيءَ لاءِ ته اوهان کي ڳپ اونداهين مان ڪڍي روشنيءَ ڏي آڻي ۽ يقيناً الله تعاليٰ توهان جي لاءِ ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي (جو توهان کي روشنيءَ ڏي آڻڻ ٿو چاهي).

وَمَا لَكُمْ اَلَّا تُنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ لَا يَسْتَوِيْ مِنْكُمْ مَّنْ اَنْفَقَ مِنْ قَبْلِ الْفَتْحِ وَقٰتَلَ ۚ اُولٰٓئِكَ اَعْظَمُ دَرَجَةً مِّنَ الَّذِيْنَ اَنْفَقُوْا مِنْۢ بَعْدُ وَقٰتَلُوْا ۚ وَكُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰى ۚ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ۝١٠

(١٠) ۽ توهان کي ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو جو توهان الله تعاليٰ جي راهه ۾ خرچ نه ڪيو! ۽ (نٿا ڄاڻو ڇا ته) آسمانن ۽ زمين جي ميراث سڀ فقط الله جي آهي (نه توهان جي، پوءِ ڇو نٿا الله جو ڏنل رزق الله جي راهه ۾ خرچ ڪيو) اوهان مان جن (حديبيه جي) فتح کان اڳي (خدا جي راهه ۾) خرچ ڪيو ۽ لڙايون ڪيون تن سان برابر اُهي ناهن (جن پوءِ مال خرچ ڪيو ۽ لڙايون ڪيون) انهن جو وڏو درجو ۽ مرتبو آهي. انهن کان جن پوءِ خدا جي راهه ۾ خرچ ڪيو ۽ لڙايون ڪيون. پر الله تعاليٰ سيني کي

(يعني جن اڳي اهي ڪم ڪيا ۽ جن پوءِ ڪيا) چڱي انعام جو واعدو ڏنو آهي. ۽ (ياد رکو تہ) توهان جيڪي بہ ڪيو ٿا تنهن جي الله کي پوري پوري خبر آهي.

## رڪوع 2

**فتح ۽ آسودگيءَ بعد بہ نماڻائي رکو. الله کي قرض ڏيندڙ کي ڏهوڻا عيوضا ملندا.**

مَنۡ ذَا الَّذِیۡ یُقۡرِضُ اللّٰهَ قَرۡضًا حَسَنًا فَیُضٰعِفَهٗ لَهٗ وَ لَهٗۤ اَجۡرٌ كَرِیۡمٌ ﴿۱۱﴾

(١١) ڪير آهي (اهڙو سچو مومن) جو الله (تعاليٰ) کي سهڻو قرض ڏئي جو الله تعاليٰ وري ان کي ٻيڻو (بلڪ ڏهوڻو) ڪري موٽائي ڏئي، (ان کان علاوه) کيس وڏو شاندار اجر بہ ملي.

یَوۡمَ تَرَی الۡمُؤۡمِنِیۡنَ وَ الۡمُؤۡمِنٰتِ یَسۡعٰی نُوۡرُهُمۡ بَیۡنَ اَیۡدِیۡهِمۡ وَ بِاَیۡمَانِهِمۡ بُشۡرٰىكُمُ الۡیَوۡمَ جَنّٰتٌ تَجۡرِیۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِیۡنَ فِیۡهَا ؕ ذٰلِكَ هُوَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِیۡمُ ﴿۱۲﴾

(١٢) (اي پيغمبر!) انهيءَ ڏينهن تون ڏسندين تہ (اهڙن سچن) مومنن ۽ مومنياڻين جي اڳيان ۽ ساڄي پاسي کان نور ڊوڙندو هلندو (۽ کين چيو ويندو تہ) اڄ اوهان جي لاءِ وڏي خوشخبري آهي (جو توهان جي لاءِ) اهڙا باغ (تيار رکيل آهن) جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن، توهان انهن ۾ هميشہ لاءِ رهندو. اها ئي آهي جا وڏي ڪاميابي آهي.

یَوۡمَ یَقُوۡلُ الۡمُنٰفِقُوۡنَ وَ الۡمُنٰفِقٰتُ لِلَّذِیۡنَ اٰمَنُوا انۡظُرُوۡنَا نَقۡتَبِسۡ مِنۡ نُّوۡرِكُمۡ ۚ قِیۡلَ ارۡجِعُوۡا وَرَآءَكُمۡ فَالۡتَمِسُوۡا نُوۡرًا ؕ فَضُرِبَ بَیۡنَهُمۡ بِسُوۡرٍ لَّهٗ بَابٌ ؕ بَاطِنُهٗ فِیۡهِ الرَّحۡمَةُ وَ ظَاهِرُهٗ مِنۡ قِبَلِهِ الۡعَذَابُ ﴿۱۳﴾

(١٣) انهيءَ ڏينهن منافق ۽ منافقياڻيون مومنن کي چوندا تہ، ڪجهہ ترسو تہ سهي تہ اسان توهان جي نور مان ڪجهہ نور وٺون. کين چيو ويندو تہ، پنهنجي ٺيڪاڻي تي ٿو ورائي ... هٽي وڃو ۽ اتي وڃي ڪنهن نور جي تلاش ڪيو (پر ملندو ڪونہ) پوءِ انهن (ٻنهي جماعتن) جي وچ ۾ هڪ ديوار کڙي ڪئي ويندي، جنهن کي هڪڙو دروازو هوندو. (جنهن مان مومن لنگهي اندر ويندا) ان جي اندرئين پاسي ان ۾ رحمت هوندي ۽ ان جي ظاهر (ٻاهرئين) پاسي عذاب هوندو.

یُنَادُوۡنَهُمۡ اَلَمۡ نَكُنۡ مَّعَكُمۡ ؕ قَالُوۡا بَلٰی وَ لٰكِنَّكُمۡ فَتَنۡتُمۡ اَنۡفُسَكُمۡ وَ تَرَبَّصۡتُمۡ وَ ارۡتَبۡتُمۡ وَ غَرَّتۡكُمُ الۡاَمَانِیُّ حَتّٰی جَآءَ اَمۡرُ اللّٰهِ وَ غَرَّكُمۡ بِاللّٰهِ الۡغَرُوۡرُ ﴿۱۴﴾

(١٤) ٻاهريان (منافق) اندرين (مومنن) کي سڏ ڪري چوندا تہ، (اسان کي ڇو هتي ڇڏي ويا آهيو؟) اسان توهان سان گڏ (توهان سان شامل) ڪين هوندا هئاسين؟ اهي (مومن) کين جواب ڏيندا تہ، هائو (ظاهر طور تہ برابر گڏ هئو) پر توهان پاڻ کي پاڻ فتني ۾ وڌو، ۽ (اسان جي حق ۾ مصيبت ۽ ناڪاميابيءَ جو) انتظار ڪيوَ، ۽ توهان (خدا جي فتح واري واعدي بابت) شڪ آندو ۽ توهان کي (ڪوڙين) اميدن ۽ خواهشن ڀلائي ڇڏيو، تان جو حڪم ۽ فيصلو اچي ويو. (هاڻي ڇا ٿيندو؟) توهان کي (آخر تائين) اهو دغاباز (شيطان) الله تعاليٰ بابت ڌوڪو ڏيندو رهيو.

فَالۡیَوۡمَ لَا یُؤۡخَذُ مِنۡكُمۡ فِدۡیَةٌ وَّ لَا مِنَ الَّذِیۡنَ كَفَرُوۡا ؕ مَاۡوٰىكُمُ النَّارُ ؕ هِیَ مَوۡلٰىكُمۡ ؕ وَ بِئۡسَ الۡمَصِیۡرُ ﴿۱۵﴾

(١٥) سو اڄ توهان کان فديو ڪونہ ورتو ويندو (جو فديو ڏيئي عذاب کان ڇٽي وڃو) نڪي انهن کان فديو ورتو ويندو جن (کليو کلايو) ڪفر اختيار ڪيو، توهان جي جاءِ دوزخ جي باهہ آهي. اهائي توهان جي رفيقياڻي ۽ سنگتياڻي آهي. اها کهڙي نہ بري رهڻ جي جاءِ آهي!

| | |
|---|---|
| اَلَمۡ يَاۡنِ لِلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَنۡ تَخۡشَعَ قُلُوۡبُهُمۡ لِذِكۡرِ اللّٰهِ وَمَا نَزَلَ مِنَ الۡحَقِّ ۙ وَلَا يَكُوۡنُوۡا كَالَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡكِتٰبَ مِنۡ قَبۡلُ فَطَالَ عَلَيۡهِمُ الۡاَمَدُ فَقَسَتۡ قُلُوۡبُهُمۡ ؕ وَكَثِيۡرٌ مِّنۡهُمۡ فٰسِقُوۡنَ ﴿۱۶﴾ | (١٦) ڇا مومنن لاءِ اهو وقت (ڪاميابي ۽ آسودگيءَ جو) اچي نہ ويو آهي، جڏهن سندن دليون الله تعاليٰ جي يادگيري (۽ حڪمن جي پيروي) لاءِ ۽ جيڪو حق نازل ٿيو آهي تنهن لاءِ نماڻيون ٿي جهڪي وڃن ۽ مومن انهن (يهودين) وانگر نہ ٿين جن تي اڳي ڪتاب نازل ٿيو هو (۽ هنن تي خدا جون وڏيون نعمتون بہ نازل ٿيون هيون) پر پوءِ جيئن ايام گذرندا ويا تيئن سندن دليون سخت ٿينديون ويون. سو هاڻي هنن مان گهڻا باغي بي فرمان فاسق آهن. |
| اِعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ يُحۡىِ الۡاَرۡضَ بَعۡدَ مَوۡتِهَا ؕ قَدۡ بَيَّنَّا لَكُمُ الۡاٰيٰتِ لَعَلَّكُمۡ تَعۡقِلُوۡنَ ﴿۱۷﴾ | (١٧) يقين ڄاڻو تہ الله تعاليٰ زمين کي سندس موت بعد وري زنده ڪري ٿو ڇڏي (ڏسو) اسان اڳي ئي اوهان کي نشانيون ظاهر ڪري ڏيکاريون آهن، انهيءَ لاءِ تہ من توهان عقل هلايو ۽ سمجهو. |
| اِنَّ الۡمُصَّدِّقِيۡنَ وَالۡمُصَّدِّقٰتِ وَاَقۡرَضُوا اللّٰهَ قَرۡضًا حَسَنًا يُّضٰعَفُ لَهُمۡ وَلَهُمۡ اَجۡرٌ كَرِيۡمٌ ﴿۱۸﴾ | (١٨) يقيناً جيڪي مرد ۽ عورتون صدقا ڏيندڙ آهن ۽ الله تعاليٰ کي سهڻو قرض ٿا ڏين تن کي ٻيڻو (ٽيڻو بلڪ ڏهوڻو) ملندو ۽ انهن کي ان کان سواءِ ٻيو بہ وڏو شاندار اجر ملندو. |
| وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖۤ اُولٰٓئِكَ هُمُ الصِّدِّيۡقُوۡنَ ۖ وَالشُّهَدَآءُ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ ؕ لَهُمۡ اَجۡرُهُمۡ وَنُوۡرُهُمۡ ؕ وَالَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا وَكَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَاۤ اُولٰٓئِكَ اَصۡحٰبُ الۡجَحِيۡمِ ﴿۱۹﴾ | (١٩) ۽ (ياد رکو تہ) جيڪي ماڻهو الله ۽ سندس رسول ۾ ايمان رکن ٿا سي الله جي نظر ۾ (سچا ۽ خالص) صديق ۽ شهيد آهن. انهن کي سندن اجر ۽ سندن نور ملڻو آهي، پر جن ڪفر جي واٽ ورتي آهي ۽ اسان جي نشانين ۽ حڪمن کي ڪوڙو ٺهرايو اٿن سي ئي جهنم جي باهہ جا ساٿي آهن. |

رکوع 3

**خود غرضي ۽ جسماني لذتون آخر عذاب ۾ وجهن ٿيون.**

| | |
|---|---|
| اِعۡلَمُوۡۤا اَنَّمَا الۡحَيٰوةُ الدُّنۡيَا لَعِبٌ وَّلَهۡوٌ وَّزِيۡنَةٌ وَّتَفَاخُرٌۢ بَيۡنَكُمۡ وَتَكَاثُرٌ فِى الۡاَمۡوَالِ وَالۡاَوۡلَادِ ؕ كَمَثَلِ غَيۡثٍ اَعۡجَبَ الۡكُفَّارَ نَبَاتُهٗ ثُمَّ يَهِيۡجُ فَتَرٰٮهُ مُصۡفَرًّا ثُمَّ يَكُوۡنُ حُطٰمًا ؕ وَفِى الۡاٰخِرَةِ عَذَابٌ شَدِيۡدٌ ۙ وَّمَغۡفِرَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرِضۡوَانٌ ؕ وَمَا الۡحَيٰوةُ الدُّنۡيَاۤ اِلَّا مَتَاعُ الۡغُرُوۡرِ ﴿۲۰﴾ | (٢٠) ڄاڻي ڇڏيو (۽ ياد رکو) تہ هن دنيا جي (خودغرضي ۽ عياشيءَ واري) زندگي فقط (ٻاراڻو) کيل تماشو آهي ۽ ظاهري تجمل ۽ سونهن آهي ۽ پاڻ ۾ هڪٻئي وٽ فخر ڪرڻو آهي، (پنهنجي طاقت ملڪيت وغيره بابت ٻڌاڪون هڻڻيون آهن) ۽ مال ملڪيت ۽ اولاد وڌائڻ ۾ هڪٻئي کان گوءِ کڻڻي آهي. انهيءَ (زندگيءَ) جو مثال ائين آهي جيئن مينهن جي ڪري پيدا ٿيل پوک ڪڙمين کي وڏي خوشي ڏئي ٿي. پوءِ اها پوک زور وٺي ٿي، پوءِ توهان ڏسو ٿا تہ زرد ٿي وڃي ٿي ۽ پوءِ سڪي ذرا ذرا ٿي وڃي ٿي. (اهڙن ماڻهن لاءِ) آخر سخت عذاب اچڻو آهي. پر (نيڪ ماڻهن لاءِ) الله جي مغفرت ۽ راضپو آهي. ۽ (ياد رکو تہ) دنيا (۾ خودغرضي ۽ عياشيءَ) واري زندگي ڪجهہ بہ ناهي سواءِ هن جي تہ فقط ٺوڳي جو سامان آهي. |
| سَابِقُوۡۤا اِلٰى مَغۡفِرَةٍ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ وَجَنَّةٍ | (٢١) (سو اي مسلمانؤ) پنهنجي پروردگار جي مغفرت ڏانهن ڊوڙڻ ۾ |

عَرْضُهَا كَعَرْضِ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ ۙ اُعِدَّتْ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ ؕ ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿۲۱﴾

هڪبئي کان اڳي نڪري وڃڻ جي ڪوشس ڪيو ۽ پڻ جنت ڏانهن ڊوڙڻ ۾ هڪبئي کان گوءِ کٽي وڃو. جنهن جنت جي ويڪر ايڏي آهي جيڏو آسمان ۽ زمين. اها جنت انهن لاءِ تيار ڪيل آهي جيڪي الله ۾ ۽ سندس رسولن تي ايمان رکن ٿا (۽ سندن حڪمن تي عمل ڪن ٿا) اها (جنت) الله جو فضل آهي جو جنهن کي چاهي تنهن کي ڏيئي ٿو. ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ وڏي فضل وارو آهي.

مَآ اَصَابَ مِنْ مُّصِيْبَةٍ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ اَنْ نَّبْرَاَهَا ؕ اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ ﴿۲۲﴾ۚۖ

(٢٢) ڪابہ مصيبت زمين تي نٿي اچين، نڪي توهانجي جانين تي ٿي اچي، پر اها وجود ۾ آٽيون ٿا. تنهن کان اڳ ئي ڪتاب ۾ لکيل آهي. يعنيٍ اسان جي مقرر ڪيل قانونن موجب اها مصيبت ظهور ۾ اچي ٿي) يقيناً هيءَ ڳالهہ الله تعاليٰ جي لاءِ بلڪل سولي آهي.

لِّكَيْلَا تَاْسَوْا عَلٰى مَا فَاتَكُمْ وَلَا تَفْرَحُوْا بِمَآ اٰتٰىكُمْ ؕ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ مُخْتَالٍ فَخُوْرِ ﴿۲۳﴾ۙ

(٢٣) (اهي مصيبتون هِن لاءِ بہ اچن ٿيون) تہ جيڪي اڳ ئي گذري چڪو (يعني توهان اڳ ئي بدعمل ڪري چڪا آهيو) تن تي مايو نہ ٿيو (آئينده نيڪ عمل ڪيو تہ خدا جي رحمت ويجهي آهي) ۽ هن لاءِ بہ (اچن ٿيون) تہ جيڪي (نعمتون) توهان کي ڏنيون ويون آهن تن تي ڦوندجي نہ وڃو. بيشڪ الله تعاليٰ هرهڪ ڦوند ڪندڙ ٻٽاڪيءَ کي ناپسند ٿو ڪري.

الَّذِيْنَ يَبْخَلُوْنَ وَيَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبُخْلِ ؕ وَمَنْ يَّتَوَلَّ فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿۲۴﴾

(٢٤) جيڪي (ڦوند ڪندڙ ٻٽاڪي) بخل ۽ ڪنجوسائي ڪندا آهن ۽ ماڻهن کي بہ ڪنجوسائي ڪرڻ جو حڪم ڏيندا آهن، (پر ياد رکو تہ) جيڪڏهن ڪوبہ (خدا جي حڪمن کان) ڦري ٿو وڃي تہ (ڪابہ پرواهہ ناهي هو رڳو پنهنجو نقصان ٿو ڪري) الله تعاليٰ تہ يقيناًبي پرواهہ آهي ۽ سڀ ساراهہ جو لائق آهي.

لَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلَنَا بِالْبَيِّنٰتِ وَاَنْزَلْنَا مَعَهُمُ الْكِتٰبَ وَالْمِيْزَانَ لِيَقُوْمَ النَّاسُ بِالْقِسْطِ ۚ وَاَنْزَلْنَا الْحَدِيْدَ فِيْهِ بَاْسٌ شَدِيْدٌ وَّمَنَافِعُ لِلنَّاسِ وَلِيَعْلَمَ اللّٰهُ مَنْ يَّنْصُرُهٗ وَرُسُلَهٗ بِالْغَيْبِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿۲۵﴾ۧ

(٢٥) هيءَ حيقيت آهي تہ اسان پنهنجي رسولن کي چٽين نشانين (۽ چٽن حڪمن) سان موڪليو ۽ انهن سان گڏ ڪتاب ۽ تارازي نازل ڪئي سين انهيءَ تہ ماڻهو عدل ۽ انصاف تي قائم رهن ۽ پڻ الله تعاليٰ لوهہ نازل ڪيو آهي (يعني عطا ڪيو آهي) جنهن سان سخت لڙئي ڪري ٿي سگهجي ۽ جنهن ۾ ماڻهن لاءِ گهڻائي فائدا رکيل آهن ۽ (اهي ٿيئي شيون) هن لاءِ (عطا ڪيل آهن) تہ الله تعاليٰ ڏسي وٺي تہ ڪهڙا ماڻهو (انهن ٽن شين سان) ڪيس ۽ سندس رسولن کي اڻ ڏٺي مدد ڪن ٿا (۽ اهو خيال نٿا ڪن تہ اسان جي حق جي راهہ ۾ مدد ڀيا ماڻهو ڏسن ٿا يا نہ) يقيناً الله تعاليٰ وڏي طاقت وارو ۽ زبردست غالب آهي (۽ سڀ ڪجهہ ڪري سگهي ٿو.)

## رکوع 4

## عيسائين جون خصلتون. رهبانيت جي منع.

وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا وَّ اِبْرٰهِيْمَ وَ جَعَلْنَا فِيْ ذُرِّيَّتِهِمَا النُّبُوَّةَ وَ الْكِتٰبَ فَمِنْهُمْ مُّهْتَدٍ ۚ وَ كَثِيْرٌ مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿۲۶﴾

(٢٦) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان حضرت نوح ۽ حضرت ابراهيم کي پيغمبر ڪري موڪليو ۽ هنن جي اولاد ۾ نبوت ۽ وحي قائم رکندا رهياسين. سو هنن ۾ ڪي تہ حق جي راھ تي قائم رهيا پر هنن مان گهڻا بي فرمان بدڪار ٿي ويا.

ثُمَّ قَفَّيْنَا عَلٰٓى اٰثَارِهِمْ بِرُسُلِنَا وَ قَفَّيْنَا بِعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ وَ اٰتَيْنٰهُ الْاِنْجِيْلَ ۙ۬ وَ جَعَلْنَا فِيْ قُلُوْبِ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ رَاْفَةً وَّ رَحْمَةً ؕ وَ رَهْبَانِيَّةَ ِۨابْتَدَعُوْهَا مَا كَتَبْنٰهَا عَلَيْهِمْ اِلَّا ابْتِغَآءَ رِضْوَانِ اللّٰهِ فَمَا رَعَوْهَا حَقَّ رِعَايَتِهَا ۚ فَاٰتَيْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْهُمْ اَجْرَهُمْ ۚ وَ كَثِيْرٌ مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿۲۷﴾

(٢٧) پوءِ انهن جي پٺيان انهن جي نقش قدم تي اسان ٻيا بہ پيغمبر موڪليا ۽ انهن جي پٺيان وري حضرت عيسيٰ ابن مريم کي موڪليوسين ۽ کيس انجيل موڪليوسين ۽ جن ماڻهن سندس پيروي ڪئي تن جي دلين ۾ نرمي ۽ رحمدلي پيدا ڪئي سين، پر جيڪا رهبانيت هنن ايجاد ڪئي، (يعني بدعت طور يعني نئين سر اختيار ڪيائون) سا اسان هنن کي ڪتاب ۾ ڪانہ سيکاري هئي. اسان تہ هنن کي فقط هي سيکاريو هو تہ خدا جي راضپي جي تلاش ڪندا رهن، پر هنن اها فرض ادائي نہ نڀائي جهڙو انهن جو حق هو. (يعني جيئن الله تعاليٰ جي راضپي جي تلاش ڪجي تيئن ڪري نہ سگهيا.) تنهن هوندي بہ انهن مان جن کي (حضرت عيسيٰ جي تعليم تي) ايمان (۽ عمل) هو تن کي اسان (چڱو) اجر ڏنو، پر هنن مان گهڻا بي فرمان ۽ بدڪار ٿي رهيا.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اٰمِنُوْا بِرَسُوْلِهٖ يُؤْتِكُمْ كِفْلَيْنِ مِنْ رَّحْمَتِهٖ وَ يَجْعَلْ لَّكُمْ نُوْرًا تَمْشُوْنَ بِهٖ وَ يَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۙۚ ﴿۲۸﴾

(٢٨) اي (عيسائيو) اوهان مان جن کي (حضرت عيسيٰ تي) ايمان آهي، سي خدا کان ڊڄو (۽ خدائي دين جي نظام هيٺ اچو) ۽ سندس رسول (حضرت محمد ﷺ) تي ايمان آڻيو (ڇو تہ توهان حضرت عيسيٰ واري تعليم وساري ڇڏي آهي ۽ هي رسول حضرت محمد ﷺ ساڳئي تعليم ٿو ڏئي) الله تعاليٰ اوهان کي پنهنجي رحمت مان ٻہ حصا ڏيندو. ۽ اوهان جي لاءِ نور پيدا ڪندو جنهن ۾ توهان گامزن ٿيندو (يعني انهيءَ روشنيءَ ۾ عملي طرح اڳتي وڌندا رهندؤ) ۽ اوهان جون (اڳيون) خاميون معاف ڪري ڇڏيندو ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ بار بار معاف ڪندڙ ۽ وڏي رحم وارو آهي (بشرطيڪ توهان غلطيون ڦٽي ڪري سڌيءَ واٽ تي هلو).

لِّئَلَّا يَعْلَمَ اَهْلُ الْكِتٰبِ اَلَّا يَقْدِرُوْنَ عَلٰى شَيْءٍ مِّنْ فَضْلِ اللّٰهِ وَ اَنَّ الْفَضْلَ بِيَدِ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ۧ ﴿۲۹﴾

(٢٩) انهيءَ لاءِ (اسان توهان تي نعمتون ڪنداسين) تہ اهل ڪتاب (جن رسول ﷺ تي ايمان نہ آندو سي) سمجهي وٺن تہ الله جي فضل مان ڪجهہ بہ سندن هٿ ۾ ناهي، ۽ يقيناً فضل (۽ نعمتون) الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهن جي جنهن کي وڻيس ٿو تنهن کي ڏئي ٿو. بيشڪ الله تعاليٰ تمام وڏي فضل وارو آهي.